# ميلا ملهالا

استاد بخاري

# ميل ملهال

شاعري

## استاد بخاري

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو.
1997ع

www.sindhsalamat.com

Roshni Book No. 96

"ميلا ملهالا"

شاعر جا حق ۽ واسطا محفوظ

پهريون ايڊيشن © آڪٽوبر 1994ع
ڇاپو ٻيو: ©روشني 1997ع
ڪمپوزنگ: سڪندر نقوي "جهانيان" (عبدالبرادرس ليزر ڪمپوزنگ سسٽم) حيدرآباد سنڌ.
ڇپيندڙ: القادر پرنٽنگ پريس، رنڇوڙ لائين ڪراچي
ڇپائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، سنڌ، پاڪستان.
قيمت: 100.00 رپيا

ٽائيٽل ڊزائين

عبدالرسول عباسي

MELA MALHALA

(Sindhi Poetry by USTAB BUKHARI)

Composed by by Abdul Brothers, Laser Composing System, Hyderabad.
Prnted by Al-Qadir Printing Press, Karachi.
Published by Roshni Publication, Kandiaro, Sindh, Pakistan.
First Edition © October 1994.
Second Edition © Roshni 1997

www.sindhsalamat.com

حُسن جي نالي

جنهن جي جلون

منهنجي جذبن سان

جيون ير سات ڏنو.

استاد بخاري

www.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com

فهرست

- هي ميلا ملهالا 7
- مُهاڳ 9

[ميلا ملهالا]

- ٽِ سٽا 39
- چؤ سٽا 45
- پنج سٽا 89
- ڇهہ سٽا 101
- ست سٽا 167
- اٺ سٽا 173

www.sindhsalamat.com

## هي ميلا، ملهالا

ميلا تہ ميلائي آهن، باقي رهيا ملهالا، سي محبوب جي ميلاپ مهل بوسن ۾ پالا، جام ۾ زهراب، عيش ۾ عذاب مثال آهن. انساني جيوت قدرت جي بي انت نعمت آهي، سا خوامر خواهہ جي ملهالن ڪري نسوري نافت بنجيو پوي. هي سنسار پنهنجي شيني گرمين، سردين سميت يعني برفاني سمونڊن کان جوالا مکي پهاڙن تائين برداشت جي قابل آهي. سنسار نہ رڳو سهپ جوڳو آهي، پر سونهن، سچ، سک، عقل، امن، انصاف ۽ آزادگيءَ جي موجودگيءَ جي ڪري سهڻو، سرهو سدا گُلاب بنجي پيو آهي. گلاب سان ڪنڊا ڪنهن حد تائين فطري چٽي سگهجن ٿا، پر جي گلاب کي آڙاهہ ۾ اُڇلايو وڃي، خير جي روشن خوشبوءِ کي شر جي اونداهي بدبوءِ ۾ غرق ڪيو وڃي، انصاف جي مٺي مهراڻ کي انڌير جي کاري ساگر ۾ لوڙهيو ۽ ٻوڙيو وڃي. امن ۽ آزاديءَ جي سهڻن اڇن ڪبوترن جي ولرن تي جهيڙي ۽ جنگ جا ٻڪيا باز ٻڇيا وڃن، پرماري ڏاڍُ هٽراڌو هٺ ڌرمي ۽ ڌوڌ جي ٻل ۽ اٽڪل تي، هن جنت جهڙيءَ جوءِ کي جهنم بنائڻ لاءِ هرويرو تخريبي ۽ شيطاني ڪارروايون ڪيون وڃن تہ جرتر تڪ تنوار، وڻ ٽڻ کان وٺي همه منصور هزار، حق حق ڪندا ميدان ۾ ايندا، ميدان ملهائيندا. گلاب کي ٽاڻن تي ٽچڪڻ نہ ڏيندا. محبوب جي ميلاپ جهڙي پياري امن کي جنگ جي جهنگل جهڙي آڳ ۾ جهوُنڪڻ نہ ڏيندا، آزاديءَ جي پريءَ/ پدمڻيءَ کي سامراجي ديوَ جي چيپاٽجڻ کان بچائي وٺندا.

انهيءَ چڪتاڻ ۾ ميلا بہ ملهالن جو شڪار ٿي پون ٿا.

هيءُ شاعريءَ جو مجموعو گهڻي ڀاڱي منهنجي محبتي جذبن جو ڪليل اظهار آهي، جنهن ۾ سونهن جي ساهن جا نفيس ترين هڳاءَ آهن؛ چاهہ جي چپن جون لذيذ ترين مٺيون ماکيون ۽ جلون جذبن جون بي اختيار جهومريون آهن. پر هي برهمائيءَ کان بيروت تائين، جو گندو، ڪارو ۽ ڪوُڙو دونهون پکڙجي

www.sindhsalamat.com

ويو آهي، سو بہ تہ ساهہ ٻوساٽيو ٿو ڇڏي.

ڪوبہ باشعور شاعر ڪٿ بہ، ڪڏهن بہ، ڪنهن طرح بہ ڀريون اکيون تہ ٻوٽي سگهي ٿو، بظاهر لنوائي سگهي ٿو، پر پنهنجي درد مند دل جا دروازا ۽ ادراڪ ۽ احساس جون دريون تہ بند نٿو ڪري سگهي. تنهنڪري ميلا ملهالا گڏجي پيا آهن.

ايئن مانڊاڻ آ من ۾، جيئن مهراڻ جون ڇوليون
ايئن تاريخ جا طعنا، جيئن رينجرس جون گوليون.

**استاد بخاري**
گهر
غريب آباد، دادو، سنڌ.

3-2-1988

# مهاڳ

ڪتاب جو مهاڳ لکڻ بہ هڪ فن آهي. ان فن جا ڪيترا ماهر هوندا آهن، جيڪي هڪ ڏينهن ۾ ڪيترا مهاڳ، بنا ڪنهن هٻڪ جي لکيو وٺن. اسان ماڻهو، جيڪي مهاڳ واري پُر تڪلف لب لهجي، تلهہ ٻڌڻ ۽ طراق گهڙڻ ڪان اصل اڻ واقف، جيئن ڪنهن ڪچهريءَ ۾ ڳالهايون، تيئن پني تي اڪيريون، تن ڪي هڻڙو ٽيڪنيڪل ڪم سونپڻ آهي تہ دوستن جي ڏاڍائي، پر استاد بخاريءَ جهڙي قريدار شاعر جي ڪلام تي لکڻ وارو، جيڪو خود ساختہ فرض مون تي عائد ٿئي ٿو، ان جو پوراءُو ڪرڻ پنهنجو عين مقصد سمجهان ٿو ۽ جيئن تيئن ڪري، ان ڪم ۾ جُنبي وڃان ٿو.

آءٌ دادوءَ بدلي ٿي آيس، هڪ ڏينهن جيئن ئي بس تان لهي پئي آيس تہ استاد ملي ويو، ڏسڻ سان پڇيائين تہ: ”پيرزادا! اڄ منهنجي شهر دادوءَ ۾ ڪيئن؟!“ . وراڻيم تہ”سائين سال کن کان آءٌ دادوءَ ۾ بدلي ٿي آيو آهيان، پر توهان سان ملاقات ٿي نہ سگهي آهي.“ چيائين تہ: ”هاڻي سوگهو آهين، تو سان هڪ پُر وقار ادبي رهاڻ ۽ راڳ جي رهاڻ ضرور رچائبي، ڇو تہ هيءُ منهنجو دادو شهر آهي.“

- ۽ آءٌ اڄ هيءُ مهاڳ لکندي سوچيان ٿو تہ: ”اي استاد بخاري! جنهن دادوءَ شهر کي تو ايترو چاهہ سان ”منهنجو شهر دادو“ پئي ڪوٺيو، اڄ اهو شهر تولاءِ واجهائي رهيو آهي. اڄ اهو تنهنجو دادو شهر تولاءِ اُباڻڪو آهي. اڄ اُهي ادبي ڪچهريون ۽ راڳ رنگ جون محفلون توکان سواءِ اڻ پوريون ۽ بي چسيون آهن. ميان ٿو تو ان ڏک، اُداسائيءَ ۽ اُباڻڪائيءَ کان روڪيو آهي، اسان کي تنهنجو هر حڪم سَر اکين تي. پر هيءَ دل هڪ اهو اڻ ڇيو جيءُ آهي، جيڪو تون پاڻ سمجهين ٿو تہ ڪڏهن ڪڏهن اڻ ڏنا آرا ڪندو آهي، جن جو پوراءُو بہ نہ ڪريو سگهبو آهي.“

ڪڏهن ڪڏهن هينئڙا“ نہ تو وٺين مون،
جي تو سڄڻ ساريا، سي وس نہ آهن مون؛
ڪڏهين ڪڏهين تون؛ تو اڻ ڏنا آرا ڪرين. (شاھ)

www.sindhsalamat.com

استاد بخاري سنڌ جو پلوڙ ۽ سيبتو شاعر هو. هن پنهنجي ڪلام کي ڪنهن به فلسفي جي ڌٻڻ ۾ گچائڻ نه چاهيو، پر هن شاعريءَ جي دنيا ۾ اهو گس ۽ پيچرو وٺڻ شروع ڪيو، جنهن سان هاري ناري، ڪمي ڪاسبي، ڏنار پنوهار، پورهيت، سياسي، انقلابي ۽ قومي ڪارڪن ايئن مانوس هئا، ڇڻ ته اُها شاعري ڪئي ئي انهن ڪردارن تي ويئي هئي. جڏهن منظور سخيرائي تو پڪاري ته: ”زندگيءَ تي ناهه ڪوئي پروسو، سونهن کي پوڇي وٺو!– پوڇي وٺو!“ ته ٻڌندڙ چپٽين وڄائڻ، تاڙين وڄائڻ، لئه ۽ ڏُنَ ۾ شامل ٿي جهومڻ شروع ٿي ويندا آهن، ته وري جڏهن بشير شاهاڻي آلاپيندو آهي ته: ”هڪ موت مُئي جو پئو سهٽا! پيو تون مان نه تو ٿئي ڍؤ سهٽا!“ ته ٻڌندڙ آپي مان نڪري ٿا وڃن ۽ استاد خادم سخيرائي جڏهن چوندو آهي ته: ”ڌاڍن جو ڌهڪاءُ، ڌسي ڪو ڌاڍن جو ڌهڪاءُ!“، ته هال ۾ ماٺهو اُٿي بيهي، جنسي نچڻ لڳندا آهن. اهو نه رڳو ڳائيندڙن جو ڪرشمو ۽ ڪارستاني هوندي آهي، پر ان ۾ ٻولن جو به وڏو هٿ هوندو آهي، ته ڏنن جو به هڪ جيترو هٿ هوندو آهي، جيڪي ٻئي شيون استاد بخاريءَ جي پنهنجي نڪور تخليق هونديون آهن. اسان جي عوام مان ڪيترن ئي ماڻهن استاد جي انهن ٻنهي روپن کي اکين سان ڏٺو ۽ ڪنن سان ٻڌو آهي ۽ ان جهومڻ ۾ شريڪ پڻ ٿيا آهن. اها هڪ وڏي محبتا آهي، جنهن لاءِ خود استاد بخاري چوندو هو ته: ”ادا! ان کان وڌيڪ آءُ نه ڪو اعزاز ٿو سمجهان ۽ نه ڪوئي انعام ٿو سمجهان! منهنجي زندگيءَ جو اهو اڻ مٽ اثاثو آهي، جيڪي قرب مون کي سنڌي ماڻهن ڏنا آهن“، جيئن لطيف چيو آهي ته:

حرف نه پڙان هيڪڙي، توري تر چاين؛
مون کي ماروئڙن،؛ ميري ڪري نه مٽيو. (شاهه)

ان معنيٰ ۾ استاد کي جيڪا محبتا مِلي ۽ جيڪا چاهت نصيب ٿي، سا ورلي ڪنهن جي ڀاڱي آئي هوندي. ان لاءِ هاڻ استاد بخاريءَ کي سٺي، سهٽي ۽ سيبتي شاعر هئڻ لاءِڪنهن جي به سَنَدَ جي ضرورت ناهي، هاڻي سندس مهانتا ۽ عظمت تي ٿيندڙ هر وارُ اوچو ۽ ابتو هوندو ۽ ان وار جو اثر

www.sindhsalamat.com

اهو ٽيندو تہ:

پاڻي ڪانُ ڪمانَ ۾، ميان! مار مَ مون؛

مون ۾ آهين تون؛ متان تنهنجوئي توکي لڳي. (شاهه).

ايتري گهٽي ۽ ايتري بهتر شاعري ڪرڻ، ڪيتري اوکي ڳالهہ آهي، تنهن جو اندازو شاعري ڪندڙن کي ٿي هوندو، جنهن لاءِ چوائي آهي تہ: ”اهو عمل ايئن آهي، جيئن ماريءَ جي پٽو ڪان ڪو پکي پرڙا ڦڙڪائي ۽ مورڳو سندس پر ۽ ڪَنبيَ ڪوڏجي وڃن ۽ نستو ٿي ڪو وقت ڪري پوي“. اها ڪيفيت مسلسل برداشت ڪرڻ بہ استاد بخاريءَ پارن جوئي ڪم آهي، باقي هر ڪنهن جي جاءِ نہ آهي.

استاد جا سندس حياتيءَ ۾ ٿي ڪيترا شاعريءَ جا مجموعا ڇپجي منظرعام تي آيا، جن جي ترتيب تہ پاڻ ڏنائين، پر ڪڏهن ڪڏهن پروفن ڏسڻ جو ڪنن ڪم بہ پاڻ ڪيائين؛ چو تہ هُن جو پنهنجيءَ تخليق سان محبوب وارو پيار، ماءُ واري مامتا ۽ ساهہ وارولا ڳاپو هو. هن جو انهن ڪتابن جي مهاڳن، ٽائيٽلن، سيٽ اپ ۽ گيٽ اپ تائين نهايت ئي اُتساهہ سان لاڳاپو ۽ ڳانڍاپو رهيو. هن انهن ڪتابن ۾ آيل مواد تي بلڪل هڪ غير جانبدار نقاد جيان راءِ زني بہ ڪئي، تعميري تنقيدون ڪن ڏيئي پڌيون ۽ هنئين سان هنڊايون. پڇاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ تہ گهڻو ٽٽو وقت پنهنجي ڪلام کي، مختلف نالن وارن مجموعن ۾ ترتيب ڏيندو رهيو. سندس مجموعن جا سولا، سهل ۽ سليس نالا بہ اهڙا جو پڙهڻ سان پتو پئجي وڃي تہ ان جو مفهوم ڇا هوندو.” نہ ڪم نبريو نہ غم نبريو“ ”اوتون جو تون“، ”گيت اسان جا جيت اسان جي“، ”ڪوڪڻ يا ڪلياڻ“، ”سوچون، پٽڪا، واڪا“، ”ڌرتي سرتي“، ”ڪاري ڪکر هيٺ“، ”گيت گلابي پارن جا“، ”زندگي زندگي“ ولولو ۽ ووڪ“ ”ماندي ٿيءُ نہ مارئي“،وغيره- تہ هيءُ ڪتاب جنهن جو هيءُ مهاڳ لکجي رهيو آهي، ان جو نالو بہ اهڙوئي عوامي، سليس ۽ سهڻو آهي: ”ميلا، ملهالا“، جيڪو ڪتاب خود استاد بخاري پاڻ ترتيب ڏيئي ويو آهي. پر ڪاش! جو اڄ سائس، معمولِ جيان، انهن شعرن تي ڪابہ گفتگو نہ ٿي

www.sindhsalamat.com

ڪري سگهجي (سچ پچ تہ ايئن سوچيو بہ نہ هئو سي!). زير ترتيب شاعريءَ جي مجموعي "ميلا، ملهالا" ۾ ٽہ سٽا، چؤ سٽا، پنج – سٽا، ڇهہ – سٽا، ست سٽا ۽ اٺ سٽا شامل آهن. جن مان" پنج –- سٽن" جو فارم جي لحاظ کان تفصيلي، ۽ "ڇهہ سٽن" جو ان لحاظ کان مختصر تذڪرو ڪريان ٿو:

**پنج سٽن جو فارم**

١- بحروزن جي ڪابہ مخصوصيت نہ آهي يعني تہ ڪهڙي بہ بحروزن تي انهن کي چئي سگهجي ٿو.

٢- پنجن ئي سٽن جو وزن، ڪهڙو بہ هجي، پر هوندو هڪڙو.

٣- قافين کي مختلف انداز ۾ ڪتب آندو ويو آهي:

مثال: **(پهريون) پنج سٽي جو فارم:**

هن ۾ "پهرينءَ ۽ ٽينءَ سٽ" جو قافيو ملندڙ جلندڙ آهي "تہ وري" ٻي – چوٿين ۽ پنجين سٽ" جو قافيو پاڻ ۾ ملندڙ – جلندڙ هوندو آهي:

مرليون ڪٺي نياريون، (پهرين سٽ)
جوڳي جوان ايندا؛ (ٻي سٽ)
لوڏيون جي ڏوڏ ڏاريون، (ٽين سٽ)
پَيڙ شيون، پخيون بہ ڏيندا، (چوٿين سٽ)
سازي تہ پيا سڏيندا!. (پنجين سٽ)

**(ٻيو) پنج – سٽن جو فارم:**

هن فارم ۾ "پهرين، ٻي ۽ پنجين سٽ" هم قافيہ آهن تہ وري" ٽين ۽ چوٿين سٽ" پاڻ ۾ هم قافيہ آهن.

مثال: هڪ هو جو هر قدم تي نوڙي جُهڪي مَري ويو. (پهرين سٽ)
ڏاري مهار نڪ ۾، ٻوڙي ڏُڪي مَري ويو؛ (ٻي سٽ)
هي هڪ جو هر ستم تي بجلي، ڳَڙو تي ڪڙڪيو، (ٽين سٽ)
غيرت جي مامري ۾ شعلو، اُلو تي پڙڪيو، (چوٿين سٽ)
جڻ ڏاڍ جي مُنڊيءَ ۾، ڪُنڊي ڪُپي مري ويو! (پنجين سٽ)

www.sindhsalamat.com

### (ٽيون) پنج- سٽن جو فارم

هن فارم ۾ ”پهرين، چوٿين ۽ پنجين سٽ“ هم – قافيه آهن، ته وري ”ٻي ۽ ٽين سِٽ“ پاڻ ۾ هم قافيه آهن:

| | |
|---|---|
| گهر منهنجو گهمڻ آئين، هيءُ احسان آ تنهنجو، | (پهرين سٽ) |
| احسان ڪري آس جو ايوان به گهر تون؛ | (ٻي سٽ) |
| ۽ پيار سان دل منهنجيءَ جو دالان به گهر تون، | (ٽين سٽ) |
| هت آرزو ۽ جستجو سامان آ تنهنجو؛ | (چوٿين سٽ) |
| هن روح جي هر روم ۾ ايمان آ تنهنجو! | (پنجين سٽ) |

### (چوٿون) پنج- سٽن جو فارم

هن فارم ۾ ”پهرين ۽ پنجين سٽ“ پاڻ ۾ هم – قافيه آهن. ته وري ”ٻي ۽ ٽين سٽ“ پاڻ ۾ هم– قافيه آهن. جڏهن ته ”چوٿين سٽ “ڪنهن به سٽ سان هم قافيه نه آهي:

گهبراءِ نه هي تانگهه جو طوفان به تنهنجو آ،
ڪيڏو به وڏو سمنڊ، ڪناري تي جُهڪي ٿو؛
آڪاس گُهمي چنڊ، مگر باغ چُمي ٿو،
بي باڪ بُخاريءَ جو بيان آهه برابر؛
پر نظم جي، هر عزم ۾ اعلان به تنهنجو آ!

### (پنجون) پنج سٽن جو فارم

هن فارم ۾ ”پهرين، ٻين، ٽين ۽ پنجين“ سٽ هم قافيه آهن ۽ چوٿين آزاد ڇڏي وئي آهي. مثال:

مون کي چيو زماني: ڪجهه حوصلو ته ڪر!
وکريل ڪروڙ دل جو گڏ ولولو ته ڪر،
پنهنجي پلوڙ ٻوليءَ تي پروسو ته ڪر!
مون دل ڪري ٻُڌايا پربور شعر پر،
هو دور غير، دانهن ڪيئين، ترجمو ته ڪر!

www.sindhsalamat.com

**ڇهه- سٽن جو فارم:**

١- ان ۾ "پهرين ۽ ٻي سٽ" پاڻ ۾ هم – قافيہ آهن: تہ "ٽين ۽ ڇهين سٽ" پاڻ ۾ هم قافيہ آهن تہ وري "چوٿين ۽ پنجين سٽ" پاڻ ۾ هم – قافيہ آهن.

٢- بحر وزن جي ڪابہ مخصوصيت نہ آهي يعني ڪنهن بہ وزن ۾ چئي سگهجن ٿا، پر سٽون پاڻ ۾ هم وزن هئڻ گهرجن.

(i) ڪٺهار جي تمر تمر ۾ – (پهرين سٽ)
وڻ، واءَ جي چمر چمر ۾– (ٻيـن سـٽ)
چپ – چنگ وڄن ٿا پيا! (ٽيـن سـٽ)
تَنُ "حسن" جو جذباتي– (چوٿين سٽ)
مَنُ "عشق" جو جذباتي– (پنجين سٽ)
انگَ انگ وڄن ٿا پيا! (ڇهيـن سـٽ)

(ii) نسُ نس اندر نچان ٿو پيو– (پهريـن سـٽ)
رڳ رڳ منجهان وڄان ٿو پيو – (ٻـي ســـٽ)
توڙي ڇُهيو بہ تو ناهي! (ٽيـن سـٽ)
ڇهندين تہ پو ڇا نچندا؟ (چوٿيـن سـٽ)
واڄا نہ ڄاڻ ڇا وڄندا؟ (پنجيـن سـٽ)
ان جو بہ انت ڪـو آهي؟! (ڇهيـن ســـٽ)

هنن ٻنهين ڇهہ– سٽن جو فارم جي لحاظ کان سٽاءُ ساڳيو آهي، پر بحر وزن جي لحاظ کان هڪ ٻئي کان ڪي قدر مختلف آهن، جنهن مان ثابت ٿيو تہ انهن ڪي سٽاءَ جي پابندي ڪندي، ڪهڙي بہ بحر وزن ۾ چئي سگهجي ٿو، باقي اها پابندي ضرور هوندي تہ جنهن بہ بحر وزن ۾ اهو ڇهہ سٽو چيل هوندو تہ ان جون ڇهہ ئي سٽون هڪ ٻئي ۾ هم وزن هونديون. پر استاد بخاريءَ انهن ۾ ڪٿي ڪٿي ڪي بحر وزن جون گهٽ وڌايون بہ آنديون آهن، جن سان انهن جي لئہ ۽ ردم ۾ ڪوبہ فرق نہ آيو آهي. جيئن هڪ ڇهہ سٽي ۾ "پهرين ۽ ٻي سٽ" پاڻ ۾ هم قافيہ، هم بحر ۽ هم وزن آهن. تہ "چوٿين سٽ ۽ پنجين سٽ "پاڻ ۾ هم قافيہ هم بحر ۽هم وزن آهن،

www.sindhsalamat.com

تہ وري اهڙيءَ طرح ”ٽين ۽ ڇهين سٽ“ پاڻ ۾ هم قافيہ، هم - بحر ۽ هم وزن آهن. پر ”پهرين، ٻي، چوٿين ۽ پنجين سٽ“ پاڻ ۾ دستور مطابق هم بحر ۽ هم وزن بہ آهن، تہ وري اُهي ”ٽينءَ ۽ ڇهينءَ سٽ“ سان هم بحر تہ آهن، پر هم وزن نہ آهن. ان جي باوجود بہ انهن جي رواني‌ءَ، لئي، ردم ۽ ترنم ۾ ڪوبہ فرق نہ آيو آهي. ڏسو مثال طور:

آئينو ڪنيون تو تہ مون ڪي چنڊ ڀڏايو، (پهرين سٽ)
سينگار تي بيٺينءَ تہ ڏڪي هير ڀُڏايو، (ٻي سٽ)
چمڪار ۽ هبڪارا (ٽين سٽ)

پهتينءَ تہ اڱڻ منهنجي تي گيتار وڃي وئي، (چوٿين سٽ)
پرِيات مهل ٿي تہ ٻُڪي ڏات رَڃي وئي، (پنجين سٽ)
گفتارن سان گڏ پيارا (ڇهين سٽ)

ان ۾ پهرين سٽ مفعول مفاعيل مفاعيل فعولن بحر وزن ۾ چيل آهي تہ ٻي سٽ بہ ساڳئي بحر وزن ۾ چيل آهيءَ پاڻ ۾ هم قافيہ پڻ آهن، جيئن پهرين سِٽ جي ”ڀڏايو“ قافيي سان ٻيءَ سٽ جو پڻ ”ڀڏايو“ قافيو آيو آهي. اهڙيءَ ريت چوٿين سٽ مفعول مفاعيل مفاعيل فعولن بحر وزن ۾ چيل آهن، تہ وري پنجين سٽ بہ ساڳئي بحر وزن ۾ چيل آهي ۽ ٻئي پاڻ ۾ هم قافيہ پڻ آهن. جيئن چوٿينءَ سٽ جي ”وڃي وَئي“ قافئي سان پنجينءَ سٽ جو قافيو ”رَڃي وَئي“ هڪجهڙائيءَ وارو آهي. اهڙيءَ طرح ٽين سٽ مفعول مفاعيل وزن ۾ چيل آهي تہ ڇهين سٽ پڻ ساڳئي وزن ۾ چيل آهي ۽ اهي ٻئي سٽون (ٽين ۽ ڇهين) پاڻ ۾ هم قافيہ پڻ آهن، جيئن ٽينءَ سٽ جو قافيو آهي ”هبڪارَ“ تہ ان سان هڪجهڙائيءَ وارو ڇهينءَ سٽ جو قافيو آهي ”پيارَ“ پر هن ڇهہ- سٽي ۾ ٻين ڇهہ- سٽن جي ڀيٽ ۾ جيڪا نئين ڳالهہ آهي، سا اِها تہ هن جي ”پهرين ۽ ٻي سٽ“ پاڻ ۾ هم قافيہ آهن، ۽ ”چوٿين ۽ پنجين سٽ“ پاڻ ۾ هم قافيہ تہ آهن، پر اهي چارئي سٽون پاڻ ۾ هم بحر ۽ هم وزن پڻ آهن، پر ان ڇهہ- سٽي ۾ جيڪا ”ٽين ۽ ڇهين سٽ“ آهي، سي قانون مطابق پاڻ ۾ هم قافيہ، هم بحر ۽ هم وزن تہ آهن، پر اهي ٻئي سٽون (ٽين ۽ ڇهين)، مٿي بيان

www.sindhsalamat.com

ڪيل چئني سٽن (پهرين ٻي، چوٿين ۽ پنجين) سان هم بحر تہ آهن، پر هم وزن نہ آهن. جيڪا ڳالهہ ٻين ڇهہ- سٽن ۾ نہ آهي. اها ڳالهہ ثابت ڪري ٿي تہ استاد اڳيان بحر ۽ وزن ٻڌا ٻانها هئا ۽ اها استاد بخاريءَ جي مرضي هئي تہ انهن کي ڪيئن بہ وينو استعمال ڪري تہ پيا ٿهن.

استاد بخاريءَ جي هن شاعريءَ جي مجموعي "ميلا، ملهالا" ۾ ٽوٽل 18 ٽہ سٽا (ٽيڙو)، 163 چؤ سٽا، 37 پنج سٽا، 158 ڇهہ سٽا، 7 ست سٽا ۽ 14 اٺ سٽا، جن ۾ 6 ترائيل بہ شامل آهن، جن ۾ استاد بخاريءَ بحرن ۽ وزنن کي آڱرين تي نچايو ۽ ڪڏايو آهي ۽ بحر ۽ وزن سندس آڏو ڪنهن فرمانبردار شاگرد جيان هڪيا حاضر آهن. پر مجموعي طور تي پنج سٽن جا گهٽي ياڳي هي وَزَنَ آهن:

**پنج سٽا:**

<u>مفعول فاعلاتن:</u>

مرليونڻ ڪٽي نياريون،
جوڳي، جوان ايندا،
لوڏيون جي ڏوڏ ڏاريون،
ڀڙ شيون، پخيون بہ ڏيندا،
سازي تہ پيا سڏيندا.

<u>مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن:</u>

هڪ هو جو هر قدم تي نوڙي جهُڪي مري ويو،
ڏاري مهار نڪ ۾ ڏوڙي، ڊڪي مري وجو،
هڪ هي جو هر ستم تي بجلي ڳڙو ٿي ڀڙڪيو،
غيرت جي مامري ۾ شعلو، اُلوٽي ڪڙڪيو،
جڻ ڏاڍ جي مُنڍيءَ ۾ ڪُنڍي ڪُپي، مري ويو.

www.sindhsalamat.com

مفعول مفاعيل فعولن فعلن :

ويساک ۾ تر ديس متي وسڪارو
فردوس جي تصوير ٿيو اونهارو
آڪاڙ جي چانڊاڻ ڪِلي تي ٻهڪين
سرهاڻ ۾ سرهاڻ مِلي تي مهڪين
جنت کان به جيوت جو نظارو پيارو

مفعول مفاعيل فعولن :

مون ناد تي اتحاد وڄايو،
هن ديس جو هر فرد جاڳايو،
بندوق ڪٿي پونءِ لئه لڙان ها،
تلوار سان تاريخ لکان ها.
ارمان ٻئي ماڳ ملهان ها.

فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن:

ڪوڙ تُنهنجا ها بخاري آرزوءَ جا قافلا!
آسرن جي تڙ تي ڪي لاهي لڏو ترسي پيا،
ياڳ جي ڏوڪي تي ڪي واٽون ڇڏي پٽڪي پيا،
توڙ پهتا تنهنجي جهد ۽ جستجوءَ جا قافلا،
آجيان تن جي اڳيان ڪن رنگ و بو جا قافلا!

**ڇهه سٽا:**

مفعولُ مفاعيلن :

اوڪاس اٿم ازلي-
اميد ڏکهي ابدي-
محلن ۾ نه تو ماپان!

www.sindhsalamat.com

تون ڪاهه-ڪشائون پر-
آڪاس بکيو مان پر-
ڏاڍا تہ ڪئين ڏاڍان!

مفتعلن مفتعلن:

سڪ جنهن تي زور پڙي-
دل تنهن تي شور ڪري-
تان ماٺ ڪري وينس!
لالاڻ ڇڪي تنهنجي
سرهاڻ سڏي تنهنجي
توڙي جي پري وينس!

فعلن فعول فعلاتن يا مفعول فاعلن فعلن:

جذبن تي ڪام جو قبضو-
نڪ نرڙ تي پگهر نڪتو-
سهڪي ڪان سيو اُبري تو!
جنهن جنهن ڇهاءَ تنهن ڇوليون،
طوفان تيز ۽ لهرون،
ڇڻ سمنڊ اٿلي پٿلي تو!

لوڪ وزن تي ڇيل ڇهہ سٽون:

ڪلهہ رلت هڪڙيءَ ڪاريءَ ڪي-
ماري وڌائون ماڙيءَ تي-
بازار ۾ ڏڏو هونديءَ!
تعذير جو نئون نڪتو-
دستور ۾ اچي تو پيو-
اخبار ۾ پڙهيو هونديءَ!

www.sindhsalamat.com

ست - سٽا :

فعولن فعولن فعولن فعولن:

مليو توکي محبوب جوين به آهي،
وڏو ناز انداز جو فن به آهي،
مگر درد- ڏنهن ناهه ڇڻ ڪجهه به ناهي،
جي لنؤ لنؤ لڳن ناهه، ڇڻ ڪجهه به ناهي-
۽ مان عشق جو عزم پورو رکان ٿو
پتا پار تنهن جا ٿي پچندو وتان ٿو
جتي ۽ جلن ناهه، ڇڻ ڪجهه به ناهي.

فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن:

حسن جا تجلا ڏسان يا عشق جا شعلا ڏسان،
فرش تي سجدا اُيا يا عرش تي ڳاتا ڪيان.
ظلم کي وهوا ڪيان يا پاپ کي پرزا ڪيان،
سوريءَ تي نعرا هڻان يا تياس کي ٽڪرا ڪيان،
صبر کي عيسيٰ ڪريان يا عزم کي موسيٰ ڪيان،
لنبيان قبرن کي يا محشر نئون برپا ڪيان؛
زلزلي ۾ حوصلا! منهنجا، خدا ڏس ڇا ڪيان!

اٺ سٽا:

هنن ۾ استاد بحرن کي ٽوڙي ۽ انهن جي ڪجهه رڪنن کي جيئن جو تيئن ته ڪٽي وري مٿائي سٽائي ۽ انهن مان پنهنجو ردم، پنهنجي لئه ۽ رواني جو ڪم ورتو آهي، جيئن:

www.sindhsalamat.com

(١) بحر رمل جي رڪن کي گهٽ وڌ ڪري ۽ "فاعلاتن فاعلن" تي لکيو ويو آهي:

شهر جو سونچو ستو،
رات جـي پـڙلاءَ ۾؛
بـوءِ چـوريءَ آئـي آ،
ويـڙهـجـي ڪـا واءَ ۾!
مون بہ خوشبوءِ کي ڪيو،
سيري پنهنجي هانءَ ۾؛
جيئن وجهي ڪو ياڳيو،
ڪـير پلتي تانءَ ۾!

(2) بحر تقارب جي وزن کي پيچي ۽ ان جي پن رڪن "فعولن فعولن" تي شعر چيو ويو آهي:

نتيـجـو مـتـائـي،
ڪٿـي لـک لـتـائـي؛
اسان ڪوشش جون،
قطـارون لـڳـايـون!
جتين واٽ گـهـائـي،
هـتـائـي، رنـدائـي؛
ايـئـن روز ووڙون،
وري تا وڌايون.

اهڙيءَ طرح اٺ سٽن جي فارم ۾ ترائيل بہ شامل آهن، جن مان هڪ جو وزن آهي: "مفعول مفاعيل فعولن فعلن":
استاد بخاريءَ پنهنجي هن ڪتاب جي ترتيب ۾ ترائيلن کي پڻ "اٺ سٽن" جي عنوان ۾ آندو آهي.

www.sindhsalamat.com

پريات ڪلين ماڪ چمي چاتي آ،
هر صبح اِها خاص عنايت آهي.
خوشبوءِ ڪٽي هير گلي لاتي آ،
پريات ڪلين ماڪ چمي چاتي آ،

ٿي سانجهہ، گلن ڏوڙ ڪٽي پاتي آ،
هر سانجهہ جي هيءَ ونڊ ورهاست آهي.
پريات ڪلين ماڪ چمي چاتي آ،
هر صبح اِها خاص عنايت آهي!

هنن ”اٺن سٽن“ جو مطالعو ڪندي معلوم ٿيندو تہ استاد انهن مان هر هڪ ۾ سٽاءُ نرالو رکيو آهي، جيڪا ڳالهہ تجرباتي نواڻ/ هيئتي نواڻ ۾ شامل آهي.

استاد بخاريءَ جي پنهنجي ترتيب موجب هن ڪتاب ۾ رڳو پنج سٽا، ڇهہ- سٽا، ست -سٽا ۽ اٺ سٽا شامل هئا. پر پبلشر جي خواهش هئي تہ استاد جي ٽہ سٽن ۽ چئن سٽن کي بہ هن ڪتاب ۾ شامل ڪجي. استاد ٽہ- سٽا تمام گهٽ لکيا آهن، جن مان ۴۴ ٽہ سٽا، سنڌ اشاعت گهر حيدرآباد طرفان ڇپايل، سندس ڪتاب ”جستجو لا طقنتوا“ ۾ شامل آهن، البت انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي ڇپايل ڇهہ ماهي ”سنڌي ادب“ جي جلد 11، سال 1989ع ۾ سندس 10 ٽہ- سٽا ” تنقيد“ عنوان سان ٽيڙوءَ جي سري هيٺ شايع ٿيل آهن- جن کي بہ مطالعي هيٺ آڻجي ٿو:

سندس هي ٽيڙو هيئت ۽ اسلوب جي لحاظ کان تہ سٽا آهن، جيڪي ”مفعول مفاعيلن“ وزن تي چيل آهن. هنن ٽہ - سٽن ۾ خيالن جي گهرائي، ٻوليءَ جي سونهن، ماحول جي عڪاسي ۽ فطري جذبن جي اٿل موجود آهي- سندس ٽہ - سٽا هيئت جي حوالي کان هائيڪو تہ نہ آهن، پر خيال، عڪس ۽ پيشڪش جي حوالي سان هائيڪو لڳن ٿا:

هت گيت رڳو رهون–
هو شعر تہ ٻڌ هن جو،
تتلين جون تشبيهون.

o

هو ڪڙيون رڳڙي پيو،
هي گهر جي لوڙهي تان،
پنيوريون پڪڙي پيو.

ان کان سواءِ سندس تازي ڇپيل ڪتاب ”وِلولو ۽ ووڪ“ جي اصلي ترتيب ۾ ٨ ڪن تہ– ستا، ٽيڙوءَ جي سري هيٺ، چار ”ماءُ“ عنوان سان ۽ چار ”وني“ عنوان سان ڏنا ويا هئا، جن کي پڻ هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي. ”ماءُ“ عنوان وارا تہ – ستا، ”هائيڪو“ جي گهاڙيٽي ۾ جديد ڪيڏارو آهن. ڪٿي ڪٿي ”هائيڪو عڪس“ ڏاڍي خوبصورتيءَ سان بيان ڪيل اٿن، مثال طور هيءُ ٽيڙو:

رڻ ۾ رُڪُ هوندو–
گهر ۾ ريشم پَٽ،
منهنجو پُٽُ سمجهو.

”وني“ عنوان وارا تہ – ستا پڻ ”هائيڪو“ گهاڙيٽي ۾ ڪيڏاري رنگ ۾ ڀٽائيءَ جي مشهور بيت ”ڪانڌ منهن ۾ ڏڪڙا، سيڪندي سونهان“ جي تسلسل ۾ خوبصورت اضافو آهن:

معافي نامي تي،
تنهنجي هٿ صحيح ڪئي،
هٿ نہ لاءِ مون کي.

استاد بخاريءَ جا اڪثر ڇوُ – ستا ۽ رباعيون ”گيت اسان جا، جيت اسان جي“، ”سوچون، واڪا، پڙڪا“ ۽ ”لهر لهر دريا“ ڪتابن ۾ ڇپيل آهن. هتي 163 ڇوُ ستا، جن ۾” ولولو ۽ ووڪ“ ڪتاب جي اصل ترتيب مان ڪڍيل 2 ڇوُ ستا بہ شامل ڪيا ويا آهن. جيڪي ڪربلا جي واقعي جي پس

www.sindhsalamat.com

منظر ۾ ڏنا ويا آهن. جن جو وزن ترتيبوار: ”مفعول مفاعيل مفاعيل فعولن“ ۽ ”فعولن فعولن فعولن فعولن“ آهي.

سورج کي ڪُڏي ڏُنڌَ جو ڪوهير وٺي ويو،
تدبير کي تقدير جو زنجير ٻجهي ويو؛
آواز ٻڌو روح ۾ رب لفظ نہ سمجهيو،
معصوم گهريو کير، مگر تير ملي ويو.

باقي چؤ سٽا مختلف وزنن تي چيا ويا آهن، جن ۾ اڪثر هيٺيان وزن استعمال ڪيا ويا آهن:

فاعلاتن فاعلاتن فاعلن- مفاعيلن مفاعيلن مفعول مفاعيل مفاعيل فعولن فعلن- مفعول مفاعيل فعولن فعل- مفعولن فعولن فعولن مفولن- فعلن فعلن فعلن- فعلن مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن- مفاعيلن مفاعيلن فعولن- فعولن فعولن فعولن فعل- مفاعلات فاعلن مفعول فاعلن- مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن، فعولن فعولن فعولن فعولن فعولن فعولن.

هنن وزنن تي چيل قطعن يا چؤسٽن جو گهرو مطالعو ٻڌائي ٿو تہ استاد بخاري، شاعري ڪهڙي بہ وزن جي سانچي ۾ ڪري، وزن هن جو محتاج آهي ۽ هيءُ وزن جو محتاج نہ آهي؛ جو تہ وزن ڪڏهن بہ شاعريءَ جي وصف ۾ شامل نہ رهيو آهي، پر وزن شعر ۾ تاثر پيدا ڪرڻ جو هڪ ذريعو آهي- جيئن جسم، خوبصورت ڪپڙن ۾ وڌيڪ سهڻو لڳندو آهي، تيئن وزن جي ويراڱي بہ شعر جي سونهن ۾ اضافو ڪندي آهي. هڪ ٻن مثالن تي اڪتفا ڪجي ٿي:

خان جو گهر آهہ يا فوجي اڏو،
عرش جيڏي ڪوٽ ۾ محلو وڏو،
هي تہ ڏس قاتل رليون، چنڙو تڏو،
منهنجي مارن جو آ پاڏي تي لڏو-

(وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعَلن)

www.sindhsalamat.com

سچو سال آهيون اسان انقلابي،
رُتن کي ڳُتن کان وٺي تا گهمايون،
خزائون تڙايون، بهارون گهرايون،
سچايون سوايون، وفائون گهرايون.

(وزن: فعولن فعولن فعولن فعولن،)

مٿئين تفصيل سان استاد بخاريءَ جي هن شعري مجموعي ”ميلا، ملهالا“ جو مختصر ٽيڪنيڪل تجزيو پيش ڪيو ويو آهي. باقي جيستائين مواد جو تعلق آهي ته ان لاءِ آءٌ ته اهو ئي چوندس ته هتڻ ته ايئن گهريو هو ته اڱوات ڪا معني، مفهوم يا خاصيت/ خاصيتون طئي ڪرڻ ۽ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش بجاءِ اهو پڙهندڙن تي ڇڏجي ها ته اُهي وجي ان مٿجهان پنهنجي جمالياتي مزاج ۽ شعوري سطح آهر مزو وٺن ها. پر ان سان گڏوگڏ اهو به ڪنهن حد تائين صحيح آهي ته هر ڪوئي ڪنهن نه ڪنهن ذريعي رستي ”ان شعر مان، هن ڇا سمجهيو“- اُن کي لکي ڇپائي ته اُهي لکٽيون پڙهي ۽ استاد بخاريءَ جي هن مجموعي ۾ آيل شعر جي گهڻ – طرفي جاڻ ۽ گهٽ پاسائون رس حاصل ڪري وٺجي. ان لحاظ کان آءٌ هتي اهو ضروري ٿو سمجهان ته مختصر طور تي اهو ڪجهه هتي ڏيان، جيڪو ان شعر جي پڙهڻ مان مون سمجهيو آهي. باقي ٻيا دوست، ڪتاب ڇپجي هٿن ۾ اچن، ان جو مطالعو ڪيائون ته ضرور ان متعلق لکندا. ۽ هن مجموعي جو مهورت ٿيو ته انَ متعلق پنهنجا خيال، ويچار، لاڙا وغيره ظاهر ڪندا، ته انهن سڀن جي مطالعي کان پوءِ، ڪافي حد تائين انِ شعر جا لڪل پهلو به عيان ٿي پوندا.

مون جڏهن هن شعر جو مطالعو ڪيو ته ان منجهان منهنجي سمجهه آهر هي پنج احساس ۽ جذبا نمايان طُور بيان ٿيل نظر آيا: (١) ٻهراڙيءَ جا منظر (٢) تشبيهن رستي بيان، تضادن رستي بيان ۽ عام فهم ٻوليءَ رستي خيالن جو اظهار (٣) سونهن ۽ سينگار جو ذڪر (۴) عشق جي اظهار جي شدت ۽ (۵) قومي سوچ جي پرچار، پورهيت سوچ جي پرچار ۽ بين الاقوامي امن بابت اظهار- ٻين انيڪ چڱاين کان علاوه هي پنج خاصيتون مون کي

www.sindhsalamat.com

سنڌس هن شعري مجموعي ”ميلا- ملهالا“ ۾ پيش ڪيل مواد ۾ وڌيڪ اپيل نظر آيون، تن جو مختصر ذڪر ڪريان ٿو:

### ا- ٻهراڙيءَ جا منظر:

ٻهراڙي، شهريءَ هٽ- ناٽ، مصنوعي ٺاهه - ٺوهه، پوليوشن (آلودگيءَ) جهڙيءَ ملاوت کان ڪافي حد تائين پاڪ هئڻ سبب سراپا فطري سونهن جو مظهر هوندي آهي، جتان جا ماڻهو، وڻ ٽڻ ۽ ماحول قربائتو، معصوم ۽ ڪي قدر وياڪل وياڪل لڳندو آهي، جڻ ته ان کان ڪوئي وڇائجي ويو آهي ۽ هو اُن جي ڳولا ۾ ايترو ته سرگردان آهي، جو ان کوج ۾ پنهنجو پاڻ ئي وڃائي ويٺو آهي. اتي ماڻهن جي فطري سونهن، ڪنهن حساس شاعر کي ايترو ته موهيو وجهي ٿي، جو هن کي بي اختيار ٿي چوڻو پوي ٿو ته:

ماڻ ڳوٺ جو ۽ يار ٻه ڳوٺاڻي منهنجي،
هن ڳوٺ ۾ ماڙي نه دري، جهات ڪٿان ٿئي؛
اسڪول، نه ڪا فون، ڳجهي بات ڪٿان ٿئي!
هيءَ پريت ٻه الهڙ ۽ اياڻي منهنجي،
جنهن دوُر ۾ هِئي ڦوهه- جواڻي منهنجي!

٥

هڪ ڏينهن تکو تانگهه جو تڙڪو نه ٿو وسري،
پاڻيءَ جو گهڙو چيلهه، مٿي تي ٻهڙو؛
سيني سان پسيني تي هو چنبڙيو گهگهرو،
ڏيلهن ساڻ ڏلهيل ڪرڙ جو پاڇو نه ٿو وسري،
من ٽوڪي ڏنو يار، سو ٻوسو نه ٿو وسري!

٥

www.sindhsalamat.com

جهڙ واءُ، ڌڏي مينهن جي ڦوهار آئي،
هڪ سيءُ سنهو، ٻيو توکي چولو سنهڙو؛
ٽيون سَرِنهن جي ڦولار جو اولو ڇدڙو،
مون توکي اڄي گاهہ - پَرِي ٻَڌِرائي،
هَٿُ هَٿَ سان مليو، شاڪ لَڳِي، لهر آئي!

o

جنهن مهل مڇي مون ڏي اچين ٿي پياري؛
ٽئن گاج ٿي ڪاڇي ٿي لهين ٿي پياري!
پکڙي ٿي وڇين من جي پنيءَ- باري ۾،
پُڄُ مون ڪان نہ ٿون پنهنجي پرين باري ۾،
انگَ انگَ ۾ تون رنگ، رڱين ٿي پياري!

o

وسڪار جا اوهيرا-
ٽپٽار ڏنڊون ڏوار-
تر تانءُ ٽري پيو آ!
خوش ٿي ۽ ڪلينءَ دل ٿي-
ٿي مست ملينءَ دل ٿي-
اڄ هانءُ ٽري پيو آ!

o

هن گل کي اهو پٺونرو-
چاهت مان اچي چنبڙيو-
هيءُ ڪاٿون ڦيرو آ؟
مون کي تہ قسم تنهنجو-
محسوس ايئن ٿئي ٿو-
جڻ پهريون پيرو آ!

٣- تشبيهن وسيلي بيان، تضادن وسيلي بيان ۽ عام فهم ٻوليءَ

www.sindhsalamat.com

## رستي خيالن جو اظهار:

شاعريءَ ۾ ڪنهن سموري منظر يا ان منظر جي ڪنهن مخصوص حصي يا ڪنهن ڪردار کي حد کان وڌيڪ سهڻو، يا حد کان وڌيڪ معصوم ڏيکارڻو پوندو آهي ته جيئن ان جي باري ۾ پڙهندڙ جا جذبا مشتعل ٿي وڃن ۽ هو ان سان ذهني طور لاڳاپجي وڃي. جنهن کان پوءِ ان جي هر ادا، هر عمل، هر چرپر پڙهندڙ کي انتهائي وڻندڙ، خوبصورت ۽ من موهڻي پئي لڳندي اهو سحر ڇانئرائڻ لاءِ شاعر ٿن ڳالهين مان ڪنهن هڪ، ته ڪٿي ڪن ٻن، پر ڪڏهن ڪڏهن ته ٽنهين کي يڪجاءِ ڪري ۽ انهن جي سهاري سان اهڙي ڪيفيت پيدا ڪري وٺندو آ، هي هن مجموعي ۾ استاد بخاريءَ جيڪي شعر آندا آهن، انهن مان ڪجهه هتي مثال طور ڏجن ٿا، جن ۾ يا ته ڪانءَ ڪا بهترين تشبيه آهي، يا وري ٻن متضاد شين جي تضاد مان تاثر پيدا ڪيو ويو آهي يا ته وري ٻوليءَ جي سونهن رستي اهڙو تاثر رونما ڪيو ويو آهي:

### تشبيهن رستي:

رات چانڊوڪيءَ ۾ وهنتي،
تارا پاڻيءَ جا ڦڙا،
هير خستوريءَ ۾ وهنتي،
جهوٽا، ڇلپا ۽ ڇنڊا!
تون خوشيءَ ۾ وهنجي سهنجي،
ويڙهجي جذبات ۾:
مون مڪمل موج پنهنجي،
ڪِئي ڪِني اڄ رات ۾!

●

خوشبوءِ پيني پيني—
انگَ انگَ ۾ رنگيني—
اڄ تون تہ اُتو تَرُ آن!
سيني تي پٽون سهٽيون—
چولي تي وليون سهٽيون—
نظرن ۾ نبي— سرُ آن!

www.sindhsalamat.com

ابتڙن جي تضادن مان تاثر ڪڍڻ:

هڪ هو جو هر قدم تي نِوڙي جُهڪي مري ويو،
ڏاري مهارَ نڪ ۾، ڊوڙي ڊُڪي مري ويو.
هڪ هِيءُ جو هر ستم تي بجلي ڳڙو تي ڪڙڪيو،
غيرت جي مامري ۾ شعلو، اُلوتِي پڙڪيو.
جڻ ڏاڍ جي منديءَ ۾، ڪُنڍي ڪُپي، مري ويو!

●

گهبراءِ نہ هيءُ تانگهہ جو طوفان بہ تنهنجو آ!
ڪيڏو بہ وڏو سمنڊ، ڪناري تي جهڪي تو،
آڪاس گهمي چنڊ، مگر باغ چمي تو.
بي باڪ بخاريءَ جو بيان آهہ برابر،
پر نظم جي هر عزم ۾ اعلان بہ تنهنجو آ!

سليس ۽ عام فهم ٻوليءَ رستي تاثر پيدا ڪرڻ:

هڪ چنڊ مٿان چمڪي–
پيو سمنڊ اڳيان ڇيڪي–
ڪيئن جوش ونگي جهلجي!
ها، سازُ ڇڙي پيو تو–
من، مست نَڙي پيو تو–
وڃجي تہ ڪِڏي وڃجي!

●

هن دل جي دلبري آهين–
۽ پيارُ آخري آهين–
مان ديد ۾ تون درسن آن!
مون وٽ تہ لفظ ڪينهن ڪي–
سولو، سڌو چوان توکي–
’جاني! تون منهنجو جيون آ!

www.sindhsalamat.com

### ٣- سونهن ۽ سينگار جو ذڪر:

هر شاعر جي تخليق جو جائزو وٺي ڏٺو ويو آهي تہ هو ”سونهن، سچائيءَ ۽ سرهاڻ“ جو شاعر ٿي هوندو آهي، باقي بيان جو / اظهار جو فرق آهي، جيڪو ڪيس اڳيئن يا پوئين کان الڳ/ منفرد ڪري ٿو ڏيکاري، اهو شاه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو، قاضي قاضن، مخدوم نوح، مخدوم لطف الله قادري هجي، شاه عنايت هجي يا وري شاه عبداللطيف ڀٽائي هجي، سچل سرمست، سامي، خليفو نبي بخش هجي- بيدل، بيوس، روحل يا حمل هجي. سندن ڪلام ۾ فقط سونهن ۽ ان جي سينگار جي پرچار ۽ ان جي بچاءَ ۽ بقاءَ لاءِ جنگ ڏسڻ ۾ ايندي. صوفين سڳورن وٽ ”حسن“ خدائي جلوو ۽ ”حسين“ خدا، تسليم ٿيل وٿون آهن. هن لاءِ هيئن پڻ چيل آهي تہ: ” اللهجميل وَيُحبُ الجمالُ“- يعنيٰ خدا تعاليٰ سهڻو آهي ۽ سونهن کي پسند ڪري ٿو- تہ وري انسان سندس صفاتي مظهر هئڻ جي ناتي ان صفت کي پاڻ ۾ رکي ٿو تہ هو ”حسن“ يا ”سونهن“ کي ضرور پسند ڪري، پوءِ ڪو ان جذبي کي آواز رستي اظهار ڪري، ڪو رنگن رستي تہ ڪو وري لفظن جي روپ ۾، ان جو پنهنجي پنهنجي صلاحيتن آهر اظهار ڪري ٿو. سنڌ تي جيڪو انيڪ سالن تائين تصوف ڇانيو رهيو، تنهن اهڙو تہ ڪرشمو ڪري ڏيکاريو آهي، جو سنڌ جو ڪلاسيڪي شاعر هجي يا جديد ترين شاعر، پر ان سونهن ۽ حسن جي بحرا بيڪران مان ٽٻيون ڏيو پيو ايندو. ان پاسي کان ڏسبو تہ استاد بخاري بہ اسان کي چڱو پلو پاڪيو، خوشحال ۽ سائو نظر ايندو. سندس ٻين مجموعن کي هڪ طرف رکندي، سندس زير بحث ڪلام منجهان، ان ڏس جي پورائي وارا ڪجهہ شعر مثال طور هت ڏجن ٿا:

شوق سان گهوري ڇڏيئي، رڳ رڳ ڇهي،
پيار سان مرڪي وٺي چڳ چڳ چمي،
مان جو تنهنجي گهور ۾ گهمندو وتان-
مرڪ جا موتيا اچا چمندو وتان-،
جوش جاڳائي، سگهيو ناهي سمهي!

•

www.sindhsalamat.com

باغ جوين جا ايئن اُڪري ويا،
هاڙُهہ سَهَڙيو، باز سب اُڏري ويا؛
هٿ اجا يادن ۾ عضون کي ڇهَن،
لڳ اجا سپن ۾ پينگهن ۾ لُڏن؛
دوبدوءَ جا، دوُر سي گذري ويا!

•

هڪ تنهنجو منو پٽڪو-
ٻيو ٻانهن ڪنگڻ چمڪو-
ڪوئل نہ ڪجاڻ ڪوڪو!

هڪ وارَ، وڳا سُرَها-
ٻيو ساهہ تڪا سُرَها-
گلشن نہ ڪپي خوشبو!

•

منهنجا حواس پوپٽڙا-
چوسين واسَ، وَنَ، رَسڙا-
ساجهر، صبوح باغ آهين!
پيشين جو مان پتنگ آهيان-
ٻاڪر جي لاءِ ٻتنگ آهيان-
ٻانجهيءَ جو تون چراغ آهين!

**۴- عشق جي اظهار جي شدت:**

عشق کان ڪوبہ انسان عاري نہ هوندو آهي. جيڪو بہ انسان آهي، تنهن کي ٻئي ڪنهن انسان سان اُنس، سڪ يا اندروني اجهل ڇڪ ضرور هوندي آهي، جنهن کي عشق چئبو آهي. عشق اهڙي تہ ٻہ رخي جذبات آهي، جنهن ۾ سرور بہ اجهل تہ ٻاهہ بہ اجهل موجود هوندي آهي. جن مان ڪنهن بہ هڪ يا ڪنهن ڪنهن وقتي وقتي انهن ٻنهين جي پيڙا، ماڻهوءَ کي ايترو تہ

www.sindhsalamat.com

تنگ ڪندي آهي، جو هو ان جذبي کي ڪنهن بہ طريقي سان، ڪنهن بہ ٻئي ماڻهوءَ اڳيان ظاهر ڪري ۽ پنهنجي من کي، ٿوري وقت لاءِ ۽ ٿوري وزن لاءِ ٺي سهي، هلڪو ضرور محسوس ڪندو آهي، پر اهو اظهار بہ ڏات ۽ ڏانوَ جي لحاظ سان امرتا پائيندو آهي. اياز هڪ هنڌ چيو آهي تہ :"هوندئن تہ ڪينجهر ۾ ڪيتريون ئي نوريون ۽ ملير ۾ ڪيتريون ئي مارئيون پيدا ٿينديون آيون هونديون، پر لطيف جي سورمين: نوريءَ ۽ مارئيءَ کي، اُنهن سڀني نورين ۽ مارئين (ماضيءَ توڙي مستقبل جي) مان، جيڪا اها نمايان حيثيت ۽ امرتا مِلي، سا فقط تڏهن، جڏهن لطيف جهڙي فنڪار جي مٿانئن نظر پئي ۽ جڏهن اُهي سورميون لطيف جي شاعريءَ جا موضوع بنيون". اهڙي عشق جي وارتا جو بيان بہ جڏهن استاد بخاريءَ ڀاري شاعر جي لفظن ۾ اچي ٿو تہ ان کي فن جا ۽ تخليق جا چار چنڊ لڳيو وڃن ۽ اُهي تہ رچنائون رچجي وڃن ٿيون. جن جي مطالعي سان روح رچجي وڃن ٿا. هڪ طرف تہ اُن عشق جي عذاب جو ذڪر سچل سرمست هيئن بہ ڪري ٿو:

هٽ، ڪرايون، آڱريون– سڀ مروڙي پيان؛
ڙِي، جيڏيون!
منهنجو چرخو چيو نا ڪري،
آءٌ ڪيئن آتڻ وڃان!
ڙي، جيڏيون!
منهنجو چرخو چيو نا ڪري!

تہ ٻئي طرف خليفو نبي بخش لغاري، ان عشق جي سرور واري لمحي لاءِ چوي ٿو تہ:

ڪانڌ نيوڙيس ڪپڙا، مانگ پڄايس مينهن؛
آءٌ وسندڙي مينهن، الا، لا
لالڻ لاءِ مَر ڏينهڙا!

www.sindhsalamat.com

تہ لطيف ڪنهن انتهائي زوردار عذاب هيٺ آيل ڪردار سَسُئيءَ جي روپ ۾ چئي ٿو تہ:

ڪوءِ پنهون، ڪوءِ پريتڻو، ڪوءِ هاڙهو، ڀَنِ هَوت؛
مادر مون موت؛ پسڻ ساڻ پرائيو. (شاهہ)

ان قسم جي اظهار جي شدت ڪي، استاد بخاريءَ هنن طريقن سان اظار ڏنو آهي:

تون ڪلف ڳراٽين جا هٽيو وڃني آن!
۽ تن جون ڪنجون هٿ ۾ ڪٽي وڃني آن!
مان پال پلا تنهنجا پچان ڪيئن جيڏي!
پر ڏيهہ ڇڏي توکي وڃان ڪيئن جيڏي!
تون چِن تہ صفا سنڌ ٻڏي بيٺي آن!

●

محبت ۾ مجيون ٿا تہ مصيبت بہ تہ آ-
هنن درد سدوري ۾ مزو ڏاڍو آ-
هن زهر ڪٽوري ۾ نشو ڏاڍو آ-
ريءَ پيار پريشان طبيعت بہ تہ آ-
هيءَ لطف رڳو ناهہ، ضرورت بہ تہ آ!

●

يارا جوين ڪان وئي مون ڪي پڪو،
تير حضرتِ عشق جو اهڙو لڳو-
ديد ڪان گذري سڌو دل تي ڪُتو-
ڇا مزو لڄ - پيچ جو مون ڪان ٿا پڇو-
زندگيءَ ۽ موت جو هو ڇهچٽو!

●

سوچ کي اڻ تڻ لڳي، محبت ڪيم،
سونهن کي پنهنجي ڪٿي جيوت ڪيم.
عشق جو هو آڳ، سو پاتم ڪٿي،
جو نہ ڪجهہ بار، سو چاتم ڪٿي،
زندگيءَ جي زهر کي امرت ڪيم!

•

ڪو بحث ڪيوسون پٽي-
هڪ ٻئي ڏي ڏنو سون پٽي-
هيءَ ربط ٽُٽي ويو ڇو؟
منهن لال رنگو ٿي ويو-
آواز گهگهو ٿي ويو-
موضوع ڪٿي ويو ڇو؟!

•

سَسُئيءَ جان، يا سُهُڻيءَ جان-
يا منهنجي جَلِئي جيءَ جان-
معلوم تيو ماندِي آن!
بيگاهہ جي برقعي ۾-
هت جانِ جي جوکي ۾-
ڪنهن عشق تہ آندِي آن!

**8- قومي سوچ جي پرچار، پورهيت سوچ جي پرچار، ۽ بين الاقوامي امن بابت اظهار:**

هيءَ شاعري جيڪا زير ترتيب آهي، سا ان عرصي جي تخليق آهي، جنهن ۾ اهي ٽئي نظريا يا رجحان نمايان نظر ايندا. سنڌ ۾ ون يونٽ کان وٺي بهارين جي آمد جي مسئلي تائين، جيڪا لهر طاري رهي، سا مليل جُليل ٿي هئي. پر ان کي جيڪڏهن باريڪ بينيءَ سان ڏسبو تہ اُها انهن ٽي ٽن خانن ۾ فٽ نظر ايندي. هڪڙن دوستن (اديبن، ادب دوستن ۽ انقلابي سوچ رکندڙن)

www.sindhsalamat.com

وٺ ان سموري ويڍن جو حل قومي آزاديءَ ۾ هو. ڪٿي ڀيا دوست هئا، جن وٽ ان ساري وايو منڊل کي سوشلزم جي صورت ۾ تبديل ڪرڻ سان، انهن حالتن جو خودبخود سيٽ ٿي وڃڻ يا حل ٿي وڃڻ وارو خيال هو، جن کي پورهيت فلسفي يا سوچ جا پوئلڳ چيو ويو- ۽ اهڙيءَ طرح، ان ئي عرصي ۾ امينسٽي انٽرنيشنل، انساني بنيادي حقن جون تنظيمون ۽ ٻيون ڪيٽريون ئي مذهبي، روحاني ۽ سماجي تنظيمون هڪ ئي وقت ڪم ڪندي نظر اينديون. ظاهر آهي ته هن سماج جي سموري بحر بيڪران ۾ ڪنهن به وٽ طرفان اچلايل ننڍي کان ننڍيءَ پٿريءَ جو به جيڪو رد عمل ٿئي ٿو، اُها به جيڪو (اڻ – لکوئي سهي) تغير پيدا ڪري ٿي، تنهن جا به سماجي ۽ ٻين عملن جي ڪارڻ جي نتيجن تي نمايان اثر نظر ايندا. ان حوالي سان جيئن ته شاعر ۽ اديب، سماج جا حساس ترين فرد هئڻ جي ناتي، انهن جو انهن نتيجن مان اثر حاصل ڪندڙ هئڻ ڪري، انهن مٿي بيان ڪيل مختلف نظرين، يا لاڙن وارين تنظيمن جي ڪيل ڪم کان متاثر ٿيڻ اڻ– ٽر آهي. انهن جا اثر جيڪي استاد بخاريءَ قبوليا، تن کي هن ريت لفظن جا روپ ڏئي ٿو:

(i) پورهيت جي نيڪي ۽ ان جي مسڪينيءَ جو منظر:

مسڪين جي محبت ۾ مزو ڪهڙو آ–
هر گهور جي ڀاڃي ۾ ضرورت ڏسجي.
دل ناز گهري، موت ۾ نوڙت ڏسجي.
ها عشق ۾، محبت ۾، مزو ڪهڙو آ!
هڪ تر به تفاوت ۾ مزو ڪهڙو آ!

•

مسڪين جي به محبت ته مزيدار آهي–
معشوق ۽ عاشق ٻئي مسڪين هجن–
ٻئي جوڀ، ٻئي جوڙ، مُنڍيءَ– مين هجن–
ڇا ٻئنڪ جي پرواهه جتي پيار آهي،
خود عشق شهنشاهه، شهر يار آهي!

•

www.sindhsalamat.com

(ii) قومي سوچ جي پرچار:

آواز ٿيو: ”گيت چئه عشقي عشقي“–
غوغاءُ ٿيو: ”نظم ڪو قومي، قومي“–
استيج ڪئي جنگ جو ميدان اتئون–
سُرَ، ساز، ڏڪڙ–ويڙهه جو سامان اتئون–
تا جنگ لڙون، رقص ۾ جهومي جهومي!

•

قتلام تي گهرگهات ۾ واڪا نه ٻڌا تو–
وٺڪار ۾ حقدار جا هوڪا نه ٻڌا تو!
پرمار! تون بي جان ڪو پٿر آهين–
جي ساهه اٿئي پوءِ ته ڪو سوئر آهين–
دل دل جا ته چا، ديس جا دهڪا نه ٻڌا تو!

(iii) بين الاقوامي سوچ ۽ انسانذات جي پرچار:

نئينءَ صديءَ ڪي، سونهن ۽ سچ جو اڄ ته بخشيئون سوجهرو–
سوجهرو اهڙو جو ايندڙ سڀ صدين جو پروسو.
وهم جي طلسم کي اعليٰ فهم سان ٽوڙي وجهون،
وسوسا ڳوهي ڳنڍي ويسه نئون جوڙي وجهون،
هڪ وڏو ويساهه جو نئين دؤر جو اُتساهه آ–
امن عالم ئي ته او سنسار! تنهنجو ساهه آ–
امن – دشمن اهرمن آ، امن ئي الله آ!

•

ڪلهه قهر جي ڪوٽن ۾–
اڄ ڏوهه جي قندن ۾–
انسان جو آئيندو؟
ڏهڪار جو ديرو آ–
پرمار جو پهرو آ–
انصاف ڪٿان ايندو؟!

•

www.sindhsalamat.com

سونهن جو بيان، عشق جو بيان ۽ انساني بنيادي قدرن جو پرچار ته جڻڪ هر هڪ شاعر پنهنجي سر تي فرض ڪري ڪنيو آهي. اهڙيءَ طرح جيئن اسان مٿي استاد جي شاعريءَ ۾ انهن جا باڪمال اظهار ۽ انهن جون عجيب و غريب شڪليون به ڏسي آيا آهيون، پر صحيح معنيٰ ۾ سونهن کي پسند ڪندڙ اُهو آهي، جيڪو ان کي صحيح فطري ۽ آزاد روپ ۾ ڏسڻ چاهيندو هجي- جو ته جڏهن مارئي عمر جي ڪوٽ ۾ بهترين کاڌن کائڻ، بهترين لٽن ڪپڙن اوڍڻ، بهترين هار سينگار ڪرڻ واريءَ جڳهه تي پهتي ته هئڻ ته ائين کپي ها ته هن جي سونهن اُتي مڪمل طور نکارجي بيهي ها- پر لطيف ان هنڌ تي چوي ٿو ته: ”مارئي آزاد هوندي، بناهار سينگار جي، بنا تڪلف جي، بنا ڪنهن مصنوعي ٺاهه ٺوهه جي پنهنجي فطري مهڪ ۽ بهڪ ۾ جيتري سهڻي ملير ۾ هئي، اوتري عمر جي ڪوٽ ۾ سينگارن، کاڌن ۽ ڪپڙن جي بهترين موجودگيءَ ۾ به رهي نه سگهي.“ ان ڪيفيت کي لطيف ٻن ٻن سٽن جي ننڍڙن بيتن رستي هيئن بيانُ ڪيو آهي:

پَڪي ۾ پَدَ مَٽِي، ڏٺي وَراڪا وِڄُ؛
جهڙِي صورت سڄُ؛ تَهڙِي مورت مارئي. (شاه)

سونهن وڃايم سومرا، ميرو مُنهَن ٿيومِ؛
وَڃَڻُ ٽِٽ پِيومِ؛ جِتِ هلڻ نٿي حُسنَ رِيءَ. (شاهه)

مَکَڻَ پَرِينِ هٿڙا، سنگهاريون سايون؛
ٻانهيون ۽ ٻايون؛ پَکي سُونهنِ پاڻهنجي. (شاهه)

يعني ته هر ڪا سهڻي وَٿُ پنهنجي پنهنجي فطري ماحول ۾ پلبي، ڪڌندي ۽ ٻود ۾ پرجي، ٺينگ ٽپا ڏيندي جيتري صحيح ۽ فطري طرح سونهن- ڀَري لڳندي آهي؛ اوترِي ڪنهن شو- هائوس ۾ رکيل يا ذاتي ملڪيت طور قيد ڪري ۽ ان کي مصنوعي سونهن جا سڀ سامان مهيا ڪري ڏٺي ۽ ان ٺي سونهن وارِي صورت پيش ڪندي نه لڳندي آهي، اُن آزاد سونهن جي جهل سڪ کي شيخ اياز سندس ڪتاب ”رڻ تي رمِ جهم“ جي ٨٠ صفحي تي ڏنل سندس هڪ نظم ۾ هيئن اظهار ڪيو آهي:

www.sindhsalamat.com

خواب هجن آزاد تہ پيو چا گهرجي!
هاڻ تہ هن ڌرتيءَ تي سڀ ڪان،
خواب وڏا ڏوهاري آهن؛
آزاديءَ جا خواب انهن تي،
بند اڳي ڪان ياري آهن!

ان ئي ڪتاب ”رڻ تي وِرِ جهرِ“ جي 19 صفحي تي آيل نظم ۾ وري وڌيڪ وضاحت سان چوي ٿو تہ:

”اي ڪاش! اهو تون ڄاڻي هان،
آزاد هوا ۽ چا ٿيندي آ!
اي ڪاشَ اهو تون ڄاڻي ها،
پرواهہ بنا پر ڪيئن هوندا،
آزاد فضا جا ٿيندي آ!“

تہ اُن قسم جي آزاد سونهن ۽ قيدي سونهن جو منظر ڏئي فرق ٻڌائي، جيڪا ڪوشش استاد بخاريءَ سندس هن شعري مجموعي جي هڪڙي چهہ – سٽي رستي ڪئي آهي، سا پڻ ڪا گهٽ درجي جي ناهي- بلڪہ پنهنجو مٽُ پاڻ آهي، ڏسو:

تارُنِ جو چارُ هرڻيءَ تي-
پوپٽ حسين، ٻَرنيءَ ۾-
اُن ريت سونهن ماڻين ٿو!
ڪرڻي جي سونهن جَهرڻي ۾-
جَهرڻي جي جَهرڪ ڪِرڻي ۾-
چا! هيءَ بہ رمز ڄاڻين ٿو!“

ان چهہ – سٽي سان هن مهاڳ جي پڄاڻي، ان منشا سان ڪجي ٿي تہ اسان جا اديب، شاعر ۽ ادب دوست ساٿي هن مجموعي ۾ آيل شعرن کي پڙهي، هنئين سان هنڊائي، غور، ويچار ۽ فڪر ڪري ڏسندا تہ استاد

www.sindhsalamat.com

بخاريءَ پنهنجي قيمتي زندگيءَ مان ڪي اهم گهڙيون هٿن شعرن جي سرجڻ ۾ صرف ڪيون، گويا فن جي نذر ڪيون. تہ انهن مان اسان کي ٻوليءَ جي لحاظ کان، قومي سوچ جي لحاظ کان، انساني شعور جي حساب سان– فن جي پالوٽ، تشبيهن جي انبارن ۽ استعارن جي آزادانہ استعمال جي لحاظ کان ڪيترو نہ مواد مهيا ٿئي ٿو: انهن مطابق پنهنجا خيال ۽ ويچار منظر تي آڻيون تہ جيئن انهن خيالن جي ڏي وٺ رستي، ان شاعريءَ ۾ اسان لاءِ جيڪو بہ پيغام ۽ مواد موجود هجي، سو عيان تي وڃي ۽ اسين ان مان پورو پورو حظ حاصل ڪري سگهون.

مير محمد پيرزادو
سڪرنڊ

آچر، 7 تاريخ، نومبر مهينو
سال 1993ع

www.sindhsalamat.com



ٽيڙو

## ٽمِٽا

www.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com

## نرسنا - نيڙو

کنڊ - ڪير ۾ ڪجھ پاٿي،
تنقيد سگھي آھي -
تعريف، گِلا ھاٿي.

▽

تو طرز وَتي بي ڪا!
ھر شعر ۾ پوپيتڙا،
ھر بند ۾ رانديڪا.

▽

دل خوار آ بازر ۾،
تون ديد لڪائين ٿو،
ديوار جي چادر ۾.

▽

ڇو واچون ٽيڙين ٿو؟
تو ڪاٺ مٿان ڪَڙڪئي،
تہ بہ چيرون چيرين ٿو!

▽

ھت گيت رڳو ريھون.
"ھو شعر تہ ٻُڌ ھن جو،
تِتلين جون تشبيھون."

▽

www.sindhsalamat.com

ڇڄجن تہ ڇِڙي پَوٽا،
جذبات زماني جا،
ڇرچن ۾ ڇِڙي پوٽا.

▽

اوتر کي تَري ڏين ٿو!
لرزي ٿو لِڪين خود ۾،
دنيا کي دري ڏين ٿو.

▽

سِڪ، ساھہ آ ڏوري ۾،
تون هاڻ کي لوڏين ٿو،
گيتن جي هندوري ۾:

▽

ھُو ڪُڙيون رڳڙي پيو،
هي گهر جي لوڙهي تان،
ڀنيوريون ڀڪڙي پيو.

▽

ڇڏ ڀنيت کي ياٿي،
آ، ڏيھ ڄجو ڏياري،
ڪَڻ تيليون ڇٽنگائي!

▽

www.sindhsalamat.com

سنڌ سڌي تي وَڃُ!
اُت پُٽَ، جهٽ ڪر نہ تہ،
آءُ نہ بخشانءِ تَنهنجَ!

▽

تُنهنجي پُٽ ۾ گهاءُ،
تون ڪيئن منهنجو پُٽ ٿئين؟
مان تہ نہ تنهنجي ماءُ.

▽

سِرُ ڳُم، ڏڙ چِچِريل،
ريتو جهنڊو ڪڇ ۾،
تَنهنجُ منهنجي پيتل.

▽

رِڻَ ۾ رُڪُ هوندو،
گهر ۾ ريشم پَٽُ،
منهنجو پُٽُ سمجهو.

△

www.sindhsalamat.com

## وَني:

معافي نامي تي،
تنهنجي هَٿَ صحيح ڪئي،
هَٿُ نہ لاءِ مونکي!

▽

ڪانٽرتا تنهنجي،
منهن تي آهہ ٿقي پئي،
ڪيئن چُمان توکي!

▽

گيد - پٽي جي گَپَ،
ٿقيل تنهنجي مُنهن تي!
توکي چُمن ڪيئن چَپ.

▽

وڪجي وئين ڏوسا،
لَبَ لَنبِي ويا اٿئي،
مونکي ڏي بوسا.

△

www.sindhsalamat.com

## چوسِٽا

www.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com

## چؤسٽا

سنڌ وارن لاٽ ڪا ٻاري ڇڏي،
پنهنجي جيجل جي زبان جياري ڇڏي،
ڇا ٻه ٽڻي پر روشني مرڻي نه آ،
پنهنجي پر ۾ ڪن گهرن ماري ڇڏي.

❑

اوچتو خوشحال خان ڊرڪي پيو،
روح وارث شاهه جو ڪُرڪي پيو،
سنڌ جا سرويچ سورهيه ساٿيو!
بزم ۾ پٽ جو ڏٽي مرڪي پيو.

❑

نه ڪنهن بابوءَ جي بينڪ آ،
نه ڪنهن افسر جو دفتر آ،
هتي هلندي زبان منهنجي،
هي منهنجو پاڻهنجو گهر آ.

❑

روپ جن جا آسمان جهڙا هُئا،
نانوَ بي گجگوڙ وانگر پئي سُٺا،
واءَ آندا واءَ تي ڏڪجي پيا،
پيو پَتو ڪي موسمي بادل هئا.

❑

جو توسان رکي سِيل، پلي پِيلُ هجي ڪو،
سو پِيل پري پيرَ، سندس پَير چُمون ٿا.
جو تو سانَ رکي ڪوٽ، پلي گھوٽ هجي ڪو،
ان گھوٽ مٿان چوٽ مٿان چوٽ ڪريون ٿا.

❑

ڪن چيوءِ آ آسمان ۾ ترٿلو،
ڪن چيو: ڌرتيءَ تي آهي زلزلو.
مون چيو اهڙي ته ڪائي ڳالهہ ناهہ،
بس عوامي راڄ جو آ فيصلو.

❑

او سِنڌ اَمان، تنهن جا سڀ سورهيہ پُٽ،
ٽاندن تي هلايا بہ وڃن تہ بہ سرها.
۽ هو بہ ڏسي چڏ نہ، وسوڙل ويڳا،
گلگشت گھمايا ٿا وڃن تہ بہ آرها.

❑

نہ عُهدن جو الڪو، نہ ڪرسيءَ جو چسڪو.
سڏو چئي ڏيون ٿا، سياڻا نہ آهيون.
وطن کي پين لئہ نہ وڪبو نہ ڏڪبو،
فلاڻا نہ آهيون، فلاڻا نہ آهيون.

❑

www.sindhsalamat.com

سچ - سورج کي کهڙي پروا،
پاچولا لـڙندائي رهندا.
ساتي کلندا کڏندا وڏندا،
ساڙولا سڙندا ئي رهندا.

❑

پي سنڌُوءَ مان مخمور ٿيو!
هن مستيءَ تي مغرور ٿيو!
جي غاصب - نظرون پالن تا،
تن دوڏن لئہ انبور ٿيو!

❑

ڪاميابيءَ جي مٺي ماکي چکڻ،
ڪجھہ ڏکي آ، ڏنگ جهلڻا تا پون.
منزلن پاسي وڃڻ سؤکو نہ آ،
هر قدم تي ونگ چِنڻا تا پون.

❑

ڌاڳو ڌاڳي کان جدا ڪمزور آ،
ڌاڳو ڌاڳي سان ملي ٿهندي ڪُڙهي.
ايڪتا جي لاءِ آ مشهور ڳالهہ،
پيرسن جا پُٽ ۽ ڪاتين جي مُڙهي.

❑

www.sindhsalamat.com

هڪڙي گهر جو هڪ اڱڻ آهي زمين،
هي هَمالو سمنڊ ڪوئي دنگ ناهه.
ماڻهپي جي نڪ ۾ نوڙي آ پيل.
ور نه دنيا، ڪنهنجو ڪنهن تي ننگ ناهه.

❑

ڪجهه ڏير تيا ڏڦير، ڏڌتي ۾ ڏتي ويا.
ڪجهه آءِ بيوقوف پراوا مِٺا ڪيم.
ٻوڙو ٻروچ ناهي ٻَڙي، پر ٻڌي نه ٿو،
گونگا جبلَ گواهه، ته واڪا وڏا ڪيم.

❑

ياٽرن جي روپ ۾ جو ڪجهه ٿيو،
سو نِندڪو تي پنهونءَ ويٺي ڏٺو.
شاهه جي سسئي هينئر آهي سجاڳ،
ڏير، ڏاگهن کي. گڏي ٻانيڻ ٻَڌو.

❑

آڏو چور ته پويان ياڳيا،
راتين پنيان ڏينهن اچن ٿا.
سنڌ ته گدڙن کاڌي ناهي،
ٻنيي تي پيا شينهن گجن ٿا.

❑

www.sindhsalamat.com

شرافت، امن ۽ انصاف جو ليکو،
عجب انداز سان اورانگهجي تو پيو.
جتان گهڙندي ٻڌڻ جو ڊپ تيڻ گهرجي،
انهن گهيڙن جو پاڻي تانگهجي تو پيو.

❑

پولَ واري پنگ ۾ مخمور آ،
پيٽ واري جنگ ۾ مجبور آ.
ڪجهه موالي، ڪجهه سوالي واٽڙو،
سنڌ جو ماٺهو ائين مشهور آ.

❑

مليس جو تيون ڏينهن بازار سان،
پُڇيم ان ڪان ان جو مزاجِ شريف.
چياٿين شين جو بهاٿون مهوڙ،
گراهڪن جي حالت نهايت ضعيف.

❑

سنڌ جي سوڀن جو ڪونهي آند پاند،
گهر ڊٺل، وِهڪيل ڏيگي، ڪمزور ڏاند.
پوءِ بہ شهپر ڪي وٽيندي پيو چوي،
سوٽَ سان ڪرٽو اٿم جلدي پلاند!

❑

www.sindhsalamat.com

هو آ ويجهو رشتيدار.
هي آ پڳ مٽ پنهنجو يار!
ڇا جو رشتو ڇا جي ياري،
پئسو مائٽ، پئسو يار!

❑

ڪن ماڻهن جي هاڻي حيرت،
وات وڏا ۽ ننڍڙا هانءَ.
ظاهر ڦڙڪيون بازن واريون،
اندر ڏِڇڻا جهڙا ڪانءَ.

❑

پوک، مزدوري، هنر، ڌنڌو، پڙهو!
رات توڙي ڏينهن مڙسيءَ سان ڪمايو، دوستو!
جهنگ ۾ پکڙي وجو ۽ شهر ڪي ڇُهتي وجو،
پنهنجي ڌرتيءَ تي قدم پنهنجا ڄمايو دوستو!

❑

ڇرڪي ڇرڪي جئندا آهيون،
مرڪي مرڪي مرندا آهيون.
مرندي مرندي بچندا آهيون،
جيئرا هاسين، جيئرا آهيون.

❑

www.sindhsalamat.com

وقت جو تازو پنو چا توز لکي،
سوچ سان ۽ شوق سان سِٽ پڙهو!
ياد توَ اُستاد چوندو هو ائين،
ڪجھ پڙهڻ سان گڏ پڙهڻ وارا ڪڙهو!

❑

دماغ تو ڏسي رڳو ٻہ چار آسرا،
رفيق راھ تا ڏين هزار آسرا،
يقين تي يقين بار بار آسرا،
اميد ۾ اميد بي شمار آسرا.

❑

ڪنوٽيون چمڪيون اندن لئہ چا؟
گوڙيون گجيون بوڙن لئہ چا؟
بي رُت مينهَنِ واريون ڳالهيون،
چيڙيون- نبيريون گونگن لئہ چا؟

❑

آءُ تہ توسان آهيان گڏ،
تنهنجو هانءُ ۽ تنهنجو هڏ.
سڏ پڙاڏو ساڳي ڳالھ آ،
تنهنجو سڏ سو منهنجو سڏ.

❑

www.sindhsalamat.com

تڪي ڪٿ ڳالهه دودي ۽ چنيسر جي،
اڃا هن جنڊ ۾ پيٺي ٻڪي ناهي.
ڏسي ڪو جاڳ واري آڳ اندر جي،
جلون ٿا پيا اڃا دونهين دکي ناهي.

□

نيٺ پٿائي تنهنجي سڌ تي،
تنهنجا ساٿي جاڳي پيا هِنِ.
مهمانن جي گوڙ ۾ تڌ تي،
گهر جا ياتي جاڳي پيا هِنِ.

□

ڏينهن جو تارا ڏسڻ ۽ رات جو تارا تڪڻ،
عاشقيءَ جو مشغلو، انجم شماري ٿا چون.
شوق سان نالا لکڻ ۽ سوچ سان خانا پرڻ،
اهم قومي مسئلو، آدم شماري ٿا چون.

□

وطن جي پچن لئہ لچون ٿا، ڪڙهون ٿا،
سياست نہ ڄاڻون، اڪابر نہ آهيون.
وطن جي زمين لئہ جيئون ٿا، مرون ٿا،
اسين واٽ ويندڙ مسافر نہ آهيون.

□

www.sindhsalamat.com

سجاڳي آئي آهي، سنڌ جي سُگهڙن سُچيتن ۾،
اِجهو سرويچ هڪڙي مان سوين سرويچ ٿي ويندا.
ڇَنيو جو ٻهڳڻي ٻج ٻُوجهه جو آهي ڌيانن ۾،
سو اهڙيءَ ريت وڌندو جو ڪٿي مان ڪيچ ٿي ويندا.

□

سڀ صبح ٿيو، سينا ساهيون،
جو رات جون سهجن اونداهيون.
خود لاٽ آهيون ۽ واٽ آهيون،
جو واٽون وينا واجهايون!

□

ٻاگهيون ۽ مارويون، نوريون اُٿو!
موملون ۽ سورٺيون، سهڻيون اٿو!
سينڌ جيڄل سنڌ جي سينگاريو،
جيڏيون، سرتيون، اديون، ڀيڻون اٿو!

□

جو پير هَٽيو، سو پير ڪٽيو،
هي خوف به طاري رکٽو آ.
جا وِکَ وڌي، جڻ لالَ لڌي،
هي جوش به جاري رکٽو آ.

□

www.sindhsalamat.com

خان جو ڳهر آهہ يا فوجي اڏو،
عرش جيڏي ڪوٽ ۾ محلو وڏو.
هي تہ ڏس قاتل رليون، چنڙو تڏو،
منهنجي مأرن جو آ پاڙي تي لڏو!

❑

”تعريف“ نانءُ، دالِ ڪري ڪائبي نہ آ،
”وهہ واهہ“ ڳوڙ، ڪانچ ڪري پائبي نہ آ.
فنڪار جي انا کي ذرا قوت تو ملي،
پر ”داد“ ساڻ جان بُکي ڍائبي نہ آ!

❑

هالار جي هستي ڏيکاريو!
مهراڻ جي مستي ڏيکاريو!
جو غير اچي اُپري آڏو،
تنهن غير کي پَستي ڏيکاريو!

❑

حاسد جي دل، وک وک چلڪي،
ننڍڙيءَ سوڙهيءَ ڳهاڳهر وانگر.
ساڻين جي دل چوليون ماري،
هيڏي ساري ساگر وانگر.

❑

www.sindhsalamat.com

پڙهيل ماڻهو پليل ماڻهوءَ کي سمجهائي،
پڙهائيءَ جي ائين تحريڪ تي ويندي.
برابر سنڌ سورن ۾ تي چيچلائي،
دوا ٿيندي ته رڳ رڳ ٺيڪ ٿي ويندي.

❑

جي مومل شوق ۾ خود شمع ٿي پوندي،
ءِ راڻو قرب ۾ قنديل ٿي ويندو،
ته ڪاري ڪاڪ جو هر ٽاڪ اوندا هو،
نئين هڪ نور ۾ تبديل ٿي ويندو.

❑

ديس ڌرتيءَ جا سپوت آهيون ٻچا،
وير واريون، وچ منجهان ويريون پچون.
جند ڪان ڪيئن ٿي پلا سگهبو جدا،
سنڌ جي سِر لاءِ سڀ گڏجي وڄون.

❑

سنڌ سان هرِ واعدو رهندو سچو،
مون مڃيو، آهيو جوانو، جانثار.
پر سڄڻ جيڪي ڪريو جلدي ڪريو،
زندگيءَ تي ناهه ڪوئي اعتبار!

❑

www.sindhsalamat.com

ڪاڏو، پيتو، چوڙيو، ماٺيو.
ڏرتيءَ جا ئي قرضي آهيون.
تَن، مَن، ڌَن جيجل تان گهوريو،
پنهنجي پنهنجي اوڙر لاهيون.

❑

جيڪو ڌارين جو محتاج،
ڪيڏو آ سو، رسم و رواج.
پنهنجا ويڙ ۾ پنهنجو وُيڄ،
پنهنجو سوچيو، پاڻ علاج.

❑

آسمان جون چالبازيون بيشمار،
وقت پنهنجي بخت ۾ ناسازگار،
آسي پاسي جي اکين ۾ انتظار،
جُوءِ جا جهونجهار، رهجو هوشيار!

❑

هن نظم جو عنوان، جيئي شاهه، جيئي سنڌ!
هن بزم جو اعلان، جيئي شاهه، جيئي سنڌ!
هن ذهن جو ايمان، جيئي شاهه، جيئي سنڌ!
هن صحن جو فرمان، جيئي شاهه، جيئي سنڌ!

❑

www.sindhsalamat.com

هڪڙا ماڻهو قوم - پرست،
ٻيا مذهب، دين - پرست.
لکيا چانديءَ، سونَ - پرست،
ٻ ڪي ڪي، ڪجهه ڪين پرست.

❑

سچائي گهٽائي ڳرائي به آ،
خبر ناهه ڇا ڪان ڪجي تا وڃون.
سمو سازگار آ، مگر پوءِ به پيارا!
وڃايون نه تا، پر وڃي تا وڃون.

❑

معصوم ٻار ڪي به نه ٿي تجُ ماءُ ڏئي،
مشهور ٻول آهه ته روئڻ پِنڻ بنا.
تو ڪيئن سوچيو ته ائين حق ملي وڃي،
چُپ چَاپ وينئي پاڻ پتوڙڻ، گهُرڻ بنا.

❑

اسان جي زندگي، هڪ سونهن جو سنسار بي آهي،
اسان جي شاعري، ڪنهن پيار جو پرچار بي آهي.
اسان جي هر گهڙي تقدير جون تختيون لکي وينئي،
اسان جي زندگي تحرير جو مينار بي آهي.

❑

www.sindhsalamat.com

نيت سگورا روزا آيا،
روزن پٺيان عيدون آهن.
عزم عمل جا جذبا جاڳيا،
محنت کان پو موجون آهن.

❑

ٻهاري بزم ۾ تيندي نہ تيندي،
ٻتيءَ جو ڪم پرڻ آهي، پري تي.
سجاڳي سنڌ ۾ اپندي نہ ايندي،
ڏڙا ڏڙ ڪِلڪ ليکڪ جي لکي تي.

❑

اسان کان پڇي ڪو محبت جون ڳالهيون،
وطن ساڻ انڌي عقيدت جون ڳالهيون.
سياست جي رمزن سان پنهنجو وڃي ڇا؟
حڪومت تي ڄاڻي حڪومت جون ڳالهيون.

❑

اکين ساڻ جيڪي نظارا ڏسون ٿا،
قلم ساڻ سو سڀ لکڻ کان مٿي آ.
ڪنن ساڻ جيڪي فسانا ٻڌون ٿا،
زبان ساڻ يارو! چوڻ کان مٿي آ.

❑

www.sindhsalamat.com

ٻيا پاڻ ڇاڻن، اسان کي تہ سڌ آ،
ڇوڻ ۾ ڪرڻ ۾، وڏو ڦير آهي،
زباني گهٽا تا گهٽن لئہ مرن ٻر،
اسان کي خبر آ، مئو ڪير آهي؟

❑

هيءَ اخبار آهي ڪجهہ نوڪون ۾ جهوڪون،
ڇريا هٿ نينهن جي ناوڪ تي ڪيئن لکبو.
ٻلي جهنڊن جي رنگن تي قلم کڻ تون.
هتي ڪيتن جي ساوڪ تي ڪيئن لکبو.

❑

خبردار تي پيار، سازش ٿئي ٿي!
رقيبن تي دولت جي بارش ٿئي ٿي!
ٻڌون ٿا، ڪرن کي ڪنيو آهي ڪُجلي.
اسان جي هٿن ۾ بہ خارش ٿئي ٿي!

❑

هٿي ٻانهن لهرن سان ڪوئي لڙي پيو،
ڪناري تان ڪي پيا ڏسن "هيئن ترُ ني"!
حياتيءَ کي ياڪر وجهي يار ٻنهنجا،
ڏين ٿهڪ بيٺا، ڇون "هيئن مرُ ني"!

❑

www.sindhsalamat.com

همٿ سان پيچ پايو پهلوان،
قسمت جي چار ۾ اٽڪي نه پئو!
سنڌ جا اڙٻنگ محنت ڪش جوان،
راحت جي گود ۾ ليٽي نه پئو!

❑

سات ساتوڙي سچڻ سرواڻ ڏس!
ساٿين جي سوچ جي سرهاڻ ڏس!
سچ وارو سات سيرو آ سُگهو،
ساٿين جي منهن تي هي لالاڻ ڏس!

❑

گواهه آهي، خليل الله جي محڪم ارادي جي،
ذبيح الله جي صبر ۽ ادب جي آهه نيشاني.
نظارو ذبح اُضحيه جو، اِشارو جان نثاريءَ جو،
ڀلي آئي، ڀلي آئي، ڀلاري عيد قرباني:

❑

يا خاموشيءَ سان عزت ڏيو،
يا دانهن کي اجازت ڏيو،
يا ڏاڍن کي ذرا ڏايو،
يا هيٺن کي حفاظت ڏيو!

❑

www.sindhsalamat.com

ڪاميابيءَ جي رڪو ٿا آرزو،
آرزو سان گڏ وڏايو جستجو،
جستجو سان خاص قرباني ملي،
”لَن تنَالو البِر حتيٰ تُنفِقوا.“

❑

پنو پين مس ۽ لفافا مهانگا،
لکڻ جا طريقا سليقا مهانگا،
صفا لفظ سادا به ڏاڍا مهانگا،
اسان وارا قطعا به تي ويا مهانگا.

❑

چون ٿا گراني اجا تيز ٿيندي،
غريبن ڪي پرواهه ڪائي نه آهي.
ڦرئي ڪان پو پئو ڪهڙو آهي زمانا!
اها عام چوٽي اجائي نه آهي.

❑

گهڙي ڏس ته سورج پيو صاف چمڪي،
گهڙي سج تي جهڙ وگهرندو وجي ٿو.
گهڙي ڏس ته آ آسمان ۾ لڙاٽ،
گهڙي ڏس ته تڙڪو نڪرندو وجي ٿو.

❑

www.sindhsalamat.com

جي چور جو بہ پورهيو قدرت نٿي وڃائي،
ڪيڏي نہ ڪاميابي، جي ساڏ ڪو ڪمائي،
محنت ۽ سخت محنت هن وقت جي تقاضا،
جو وقت ڪاڻ لنوائي، سو پاڻ کي گنوائي.

❑

جي ظالم ڪري ظلم وقتي ڪُٿي ٿو،
سدا مينهن نفرت جو اُن تي وسي ٿو.
جي مظلوم اصولن تي ڪٽجي مري ٿو،
سدا مينهن محبت جو اُن تي وسي ٿو.

❑

هي سمورو آهہ واپارين جو ڪم،
گهٽ ۾ گهٽ لک ڪنڊ، ڪار ۽ ياڻ تي.
قوم جا شاعر ذرا ٿي باشعور،
وڌ ۾ وڌ لک قوم تي ۽ پاڻ تي.

❑

ڪڏهن شاعري پڻ رُسي آهہ ويندي،
مان آزيون ڪيان پوءِ بہ ايندي نہ آهي.
ڪڏهن ايترو آ مهربان ٿيندي،
گهڙيءَ لاءِ پاسو ڇڏيندي نہ آهي.

❑

www.sindhsalamat.com

هي جهان، او نؤجوان بازار جو شوڪيس ناهه،
۽ نه خالي ڏيک جو سامان آهي زندگي!
هي جهان دريا، جبل، صحرا، ڪنارا، بحر، بر،
گوڙ، هُلُ، گهمسان ۽ طوفان آهي زندگي.

❑

شخص هڪ جو اصل ۾ آزاد آهه،
پر ڪٽي دنيا بنايو آ اسير.
پيو ڪپي سستو صفا يوسف مثال،
هي معزز محترم آهي ضمير.

❑

مِٺيءَ ڪان چني، شاهه بندر ڪان ريتي،
سڄي سنڌ پنهنجي سنواريو سجايو!
ٻنين ۾، مِلن ۾، ڪمايو ڇمايو،
سدا "سنڌ جيئي" جو نعرو لڳايو!

❑

هِتان ڪٽڪ نڪري، هُوتان پانُ پهچي،
ڪو ڇوٽو سمگلر، ڪو موٽو سمگلر.
اهو سلسلو جي بدستور رهندو،
گهٽا گهوٽ ٿي ويندا تڪڙا تونگر.

❑

www.sindhsalamat.com

چڱن جو چوڻ، سمجهو اڪسير آهي،
”ٺيڪين واپس، چٽل تير آهي“،
عمل جو ڪجي سوچي سمجهي ڪجي سو،
ٽٽڻ ۾ نہ پونديو ڏڌل ڪير آهي.

❑

اڌ رات جي پڇاڙي آ ڏينهن وارو تارو،
پر ڏينهن وارو تارو ڪو آفتاب ناهي.
چو ٿا رفيق سمجهو اخبار کي رسالو،
توڙي هزار خبرون، پر هي ڪتاب ناهي.

❑

لکڻ وارا بہ ڪجهہ نازڪ،
ڇپڻ وارا بہ ڪجهہ نازڪ.
ڪجي ڇا قوم ۾ ڪي ڪي،
پڙهڻ وارا بہ ڪجهہ نازڪ.

❑

ڏيون امتحان پر پڙهڻ کان سواءِ.
ڏسون ڪاميابيون ڪڙهڻ کانسوا.
وٺون حق پنهنجا گهرڻ کان سواءِ
وڏا وير سڏجون وڙهڻ کانسوا!

❑

ڪتب خانا خالي، ادا محفلن ۾،
نہ رانديون، نہ ورزش جوان هوٽلن ۾،
نہ ڪا اون گهر جي، نڪا سوچ، تر جي،
رڳو مست مهديءَ جي گانن جي ڌن ۾.

❑

منزل ملي وڃي تي جي وک کو وڌائي،
مشڪل مچي وڃي تي شرط آهہ کو مچائي.
گرمي هجي يا سردي، طوفان هجي يا باران،
محفل متي رهي تي، پر مڙس کو مچائي.

❑

ڪلڻ هاب شيءِ تي نہ ڪلنداسين سائين!
جي محرم بہ هوندو، نہ رئندا سين سائين!
قلم پل تہ روئي پنو پل تہ تڙپي،
نہ لڪنداسين سائين، نہ لڪنداسين سائين!

❑

هوءَ نانگ تي ڏنگي تي، جي کو ڏجي پڄي تو،
۽ بين تي وڃي تي، جي ڪيس کو وڄائي.
دنيا تپي، مچرجي، مڙسي رڳو ڏسي تي،
جهومي، جهڪي پوي تي، جي کو جوان جهڪائي.

❑

www.sindhsalamat.com

سبب کي چڏيو پاڻ ڪنجوس آهيون،
گهٽائي گهٽائي لکڻ ڪم اسان جو.
اوهان جي سخاوت کان مايوس ناهيون،
وڌائي وڌائي پڙهڻ ڪم اوهان جو.

❑

آخر ـ ڪهڙو ڦيرو آيو،
سرديون، پارا، گرميون، رُڳهہ.
پنهنجي ترجي موسم تُنهنجا،
ساڳيا لاتون، ساڳيا چڳهہ.

❑

تون پيو جهومين ۽ مان آتو،
تون چؤ واتو، ۽ مان ٻاتو.
مُنهنجا سنڌي خان ميان!
تنهنجو منهنجو ڪهڙو ناتو؟

❑

وڏي ويچار سان حالات کي سمجهو!
پرائي بات پنهنجيءَ لات کي سمجهو!
نہ گهبرايو ڏسي اونداهڙي آڌو،
ذرا منهن مير ۽ پرڀات کي سمجهو.

❑

www.sindhsalamat.com

جو ڏاريو سو ڏاريو، ڳلا ڪهڙي آهي،
جو پنهنجو سو پنهنجو، ٿتا ڪهڙي آهي!
ٻئن لئہ جيون تا، ٻئن لئہ مرون. تا،
اِهو فرض آهي وڦا ڪهڙي آهي.

□

جاڳيا تہ بهرحال سويلا ناهيون،
پرپيو يہ اجا يار اويلا ناهيون.
سمجهي نہ سگهون، تنهنجي ٽين چالن کي،
ايڏا تہ اڙي وقت! ڳهيلا ناهيون!

□

اُٿو، وارو ڪريو، واهڙ وَهايو!
رڳو برسات تي پاڙي نہ ويهو.
نظر پٽَ پٽَ تي پِڪَ پِڪَ تي جمايو،
اکيون آڪاس ڏي ڦاڙي نہ ويهو.

□

تنهن ڏينهن ويس تي تہ وڏو خان ملي ويو،
سمجهو ڪٿي ون يونٽي سرطان ملي ويو.
لاحول پڙهي جان جڏهن پنهنجي ڇڏايم،
پوءِ شڪر ڪيم، شعر جو عنوان ملي ويو.

□

www.sindhsalamat.com

هي باغ پنائيءَ جو آهي،
ٽيڪو نہ ڪريو، ڪُوڪُو تہ ٻڌو.
ڪنڊا نہ چٽيو، مکڙيون تہ ڏسو!
بدبوءِ نہ ڪريو، خوشبو تہ سنگهو!

❑

انصاف بي مثال جو غوغاءَ تي وڃي،
سچ پچ تہ دُور سنڌ ِجو سوداءَ تي وڃي.
مسڪينڙن تان بار مٽن جو لهي پوي،
سرمائيدار سير، اگر پاءَ تي وڃي.

❑

مان شاعر شاعريءَ جي ملڪ جو سلطان ئي آهيان،
ڏئي ڪو لفظ تو دوکو تہ پو دربان ئي آهيان.
زير يا زير تان ترڪي، ڪران ڪنهن وقت تو منهن پر،
خطا تي تي وڃي، آخر تہ مان انسانُ ئي آهيان.

❑

يڪراءِ فيصلو هي ٻيٽو ضرور آهي،
هن جُوءِ ۾ جوان تي جٽئو ضرور آهي.
ڌرتي بہ ساٿ ڏيندي، ساگر بہ ساٿ ڏيندو،
۽ ساٿ آسمان کي ڏيٽو ضرور آهي.

❑

www.sindhsalamat.com

شعر جو پيچرو ايڏو تہ ڪو سولو ناهي.
جي ڪٽي رَند ۾ رلبو تہ ڪو رولو ناهي.
پنهنجي نيت تہ سڌي آهہ خدا تو ڄاڻي،
جي ڪٽي پول پلايو، تہ ڪو پولو ناهي.

❑

هر لفظ ٿيو گواهہ آهي،
ڄڻ مون ڪيو گناهہ آهي.
او پيار بي گناهہ آهيان،
شاهد سندم الله آهي.

❑

هن خاڪ جو، جو خادم، هن ديس جو جو دولهہ،
مخدوم اهوئي آ، مهمير آ اُهوئي،
مهراڻ جان اجهل جو، هالار جان اٽل جو،
هن پونءِ جي پِڻَن جي تقدير آ اُهوئي.

❑

هڪڙي گهر جا پائر پاتي،
جهيڙو، ڪينو، ويساهہ گهاتي.
جي تا جوهي پايون جهاتي،
هٿ ۾ قرآن، ڪڇ ۾ ڪاتي.

❑

www.sindhsalamat.com

سوچ ۾ رهندي اها ساڳي اڏام،
ڪنهن بحري باز جا ڪتبا تہ ڇا!
شاعري آهي سجاڳيءَ جو پيام،
ننڊ جا قيٽا متس پڙهبا تہ ڇا؟

❑

سچو سال آهيون اسان انقلابي،
رُتن ڪي ڳُتَن ڪان وٺي ٿا گهمايون.
خزائون تڙايون، بهارون گهرايون،
سچايون وسايون، وفائون گهرايون.

❑

ڪي چون ٿا، تن درست تہ سڀ درست،
ڪي چون ٿا، من درست تہ سڀ درست.
پيا بہ نُڪتا نيڪ پر ڏسجي پيو،
دؤر هن ۾ ڌَنُ درست تہ سڀ درست.

❑

اوهانِ جُهڙ ڏسي دل هٺو ٿا تہ، بجلي،
ڪري ٿي سگهي، بلڪ هر حال ڪرندي.
اسان سوچيون ٿا تہ ڪڪرن مان بارش،
وسائي سگهون ٿا، يقين آهہ وسندي.

❑

www.sindhsalamat.com

سولي هوا لئہ ترسو ۽ ناخدا لئہ ترسو.
چو وقت ٿا وڃايو، ڇو پاڻ ٿا لڄايو!
هر مرد آهہ مانجهي، هر فرد پاڻ وانجهي،
پنهنجو ڪلهو ڪم آڻي، ٻيڙو ٻني لڳايو!

❑

نہ جيتر سنڌ جي هر ڳوٺ ۾ پاڻي رڳو پهچي،
نہ تيتر رس، نہ سيون آپ، نہ پاڪولا جو ڍڪ پرجي.
۽ جيترقوم جي نياڻين جي تَنگائي نہ ٿي ڍڪجي،
نہ تيتر قيمتي قالين تي پنهنجو قدم ڌرجي.

❑

ٻُڌي، ٿڪ هرڪو اچي ٿو وڃي،
ڏسي لڙڪ واقف لڙي ٿو وڃي.
نہ ٿو روشنيءَ ۾ ڇڏي هو ٻہ پيڇو،
۽ اونده ۾ پاڇو ڀڄي ٿو وڃي.

❑

نہ بستر، نہ جهوپي، نہ ياڃي نہ ماني.
اسان جو اٿين ٿي جڻڻ آهہ جاني!
اوهان جا دلاسا وڏي مهرباني،
ڪٿي آهہ ايڏي ڀلا زندگاني.

❑

www.sindhsalamat.com

مجون تا اوهان جون اکيون بند ناهن،
ڏسو پيا چڱيءَ ريت محفل ۾ چاهي.
اسان آهيون قائل اجا ٻي نظر جا،
ٻڌائي سگهي جا ته هن دل ۾ چاهي.

❑

ارادن جي دنيا، امنگن جي دنيا،
خياليءَ ۾ ماڻن، مرادن جي دنيا.
اوهان جو اجائي بنائي ڇڏي آ،
دلاسن جي دنيا، اميدن جي دنيا.

❑

مَتو پيو آ هوٽل ۾ ماڻهن جو ميڙو،
اندر آهه سڀ ڪجهه اڳيان آهه پردو.
هتان جو لنگهي تنهن جو روڪين رستو،
برياڻيءَ جي خوشبو ۽ ڪوڪن جو ڪڙڪو.

❑

مِني ماڻ آهي، مُني ماڻ آهي،
چڱن جو چوڻ آ سٺي ماڻ آهي.
گهٽن جي گهرن ۾ وسيو گوڙ گهمسان،
اسان جي اڱڻ تي وٺي ماڻ آهي.

❑

www.sindhsalamat.com

شعر جو معيار آ مقصد حيات،
ڪجهہ نہ ڪجهہ نفعو وٺي انسان ذات.
باقي اهڙي شعر مان ڇا حاصلات،
فاعلاتن فاعلاتن فاعلات!

□

جو وهندو پيو، سو لهندو پيو،
هٿ قدرت جو ڪنجوس نہ آ.
ڪم سخت آهي، گهٽ وقت آهي،
مَنُ محنت جو مايوس نہ آ.

□

پيٽين جي پرماري ريت.
جنهن ڪي چٽجي استحصال.
ڏارين توڙي پنهنجن وٽ،
جت ڪٿ ٿئي پيو استحصال.

□

رندن جو چوڻ آهہ تہ بي هوش نہ ٿي!
مئخاني جي رسم آهہ تہ باهوش نہ ٿي!
ساقيءَ جي نئين ناز منجهايو مون کي،
آواز نہ ڪر، ڪل بہ نہ، خاموش نہ ٿي!

□

www.sindhsalamat.com

هڪ طرف لوچ ستائي تي خريداريءَ جي،
ٻئي طرف سوچ تہ مسڪين بہ آهيون، سائين!
عيد جو ڏوڙ آ، مسرور ضرور آهيون پر،
ڪو تہ غم آهہ جو غمگين بہ آهيون، سائين!

❏

ديندارن کي هجي دين ۽ توحيد مبارڪ،
ديد وارن کي چيو دل تہ ڏجي ديد مبارڪ،
عيد جي ڏينهن تي ڪنجوس تبو چا جي لئہ،
منهنجي ياران هجي هر فرد کي اڄ عيد مبارڪ.

❏

ايري غيري سان هيٺاهيون،
محبت وارن ساڻ مڳي،
تنهنجو سُنهن مان تنهنجو آهيان،
پنهنجي سر سان پاڻ ٽڳي.

❏

انسانن جو مانُ نہ توريو،
سمجهو سيڪو آهي سير.
چا جو هلڪو چا جو ڳؤرو،
هيءَ سڀ هٿ جو آهي ڦير.

❏

www.sindhsalamat.com

قول وڏن جا ناهن ڪوڙا،
بعضي بعضي ياد اچن ٿا،
وڙهندا، ”ساڻ“ ته پٽبا پوڙا،
ڏوٽيئڙن جا ڏيل ڏکن ٿا.

❑

زندگيءَ جو زيب آهي انتظار،
موت جو پيو روپ آهي اختصار.
نا اميدي ڪفر آهي هوشيار!
گهٽ ۾ گهٽ رک ارتقا ۾ اعتبار.

❑

پنهنجون راهون پاڻ ناهيو ساٿيو!
قافلي کي تيز ڪاهيو ساٿيو!
جاڻ پهتؤ، ڏور ناهيو ساٿيو!
دل نه لاهيو، دل ته لاهيو ساٿيو!

❑

مشڪلاتون راهه روڪينديون رهن،
دوستو! ڪينهي ٽڏڻ ۾ آ مزو.
وات ڦاري حادثا بيشڪ اچن،
سچ پچو نيشان چٽڻ ۾ آ مزو.

❑

www.sindhsalamat.com

ڊرڙي      کي      ڊرڙو      ڪوٺيو،
چوهي      کي      چوهو      ڪوٺيو.
هڪڙي      ڳالهہ      ڪريو      او      ساٿيو!
ڏوهي      کي      ڏوهو      ڪوٺيو.

❑

هرڪو چئي تو تہ ٻڌايان، نہ ٻُڌان مان،
ڪنهن سان وڃي، ڪيئن پلا سور ڪو اوري!
پيو سيءَ مري پيو، تہ مرڻ ڏينس، بچان مان،
سياري جي سوڙ سيڪوئي تو پاڻ ڏي سوري.

❑

نئين دؤر جي هيءَ نئين ڳالهہ آهي.
پڌون تا تہ پاڻيءَ ۾ انسان رهندو-
هي ڌرتي ڏٺي، پنهنجي ڌرتي نہ ڏيندا.
تري سمنڊ جي ۾ ئي "پرديش" تهندو.

❑

پڇو مون کان تنهن ڏينهن هڪڙي ڪتابيءَ،
تہ هي "بي پلي، ساڻ، "پرديش" چاهي.
چيم "خي خچر" ڪنهن گهٽو گاهہ کائي،
ڏٺو خواب ۾ هيءَ "خرديش" آهي.

❑

www.sindhsalamat.com

او بنگال تولاءِ دل آهہ آتي،
تون پنهجو بهادر وڏو ڀاءُ ڀاتي!
ملي موڪلايون سڪي ساهہ ڇاتي،
رتل ٿي رهين پر هجيئي حياتي!

❑

سارو بحث ۽ جهيڳڙو وهم آ،
بنگلاديش حقيقت آهي:
ڏينهن ڏني ڪي ڪوئي پاڳل،
چوندو وتندو رات تہ ڇاهي!

❑

ڪفر ۽ اسلام پنهنجيءَ جاءِ تي،
مذهبن جي مام ۾ ڇوٽا پئون.
ان ۾ ڪهڙو آسمان پوندو ڪري،
ديس جي ڌرتيءَ ڪي جيجل تا چئون.

❑

ڪجهہ هوائي شاعري ۽ ڪجهہ زباني شاعري،
پنهجي مزمانن جي آهي آنجهاني شاعري.
دوستو! پنهنجي هنن سان ڪهڙي نسبت تي نهي،
ڪٿ زمين جي شاعري، ڪٿ آسماني شاعري!

❑

www.sindhsalamat.com

هو گهٽي ياڳي پين ٿا ڪوثر ۾ آبِ حيات،
پنهنجا شاعر پيا گهرن، سنڌوءَ جو پاڻي ميرڙو.
هو هميشہ ٿا رهن، عنقا، هما جي تاڙ ۾،
بنهنجي آڏو مور، ڊيلون، هنجھہ، ڪانگ ۽ ڳيرڙو.

❑

ٻڌي البدر ۽ الشمس جو نالو،
اچن ٿا جوش ۾ بندوق ۽ ڀالو.
ڦهاري چو ٿا ڪونيو قربدارن کي،
ٻڌائيندا "ٻهاري" سنڌ، بنگالو.

❑

اچن چوريءَ ۽ زوري پيا نوان مهمان،
نہ ٿا رکجن بهاري جي تہ گوءِ ميدان.
اجا سمجهن ٿا پوئتن ملهہ رهيل آهي،
پلي پورو اچي ڪن آخري ارمان.

❑

ٻڌو التجا هڪڙي سنڌي رسالا!
ادب جا خزانا نہ ٻڌجو جوالا.
ٽيو ڪير ڪنڌ ۾ پيو پيار پيالا،
وڏو وک وڌائي، چٽو هوجمالا!

❑

پٺن پورين جي پاڪر ۾ رهڻ وارا!
پلر وارو منو پاٽي پئڻ وارا!
اچوا جو چاڻ آيو تر تي وسڪارو،
هوا بدلي ڪڪر آهن وسڻ وارا.

❑

شاهہ، سامي، بيوس ۽ بيدل ۾ گڏ،
لال ۽ سرمست جي محفل ۾ گڏ.
قوم تي اترادي، لاڙيچائي ملهہ،
پوبہ آهيو سنڌ جي سڀ دل ۾ گڏ.

❑

سڀ اديب، استاد، شمشير ۽ جليل،
زور سان حجت منجهان ڪن تا اپيل.
ڏيو نہ هڪ ٻئي سان لڙڻ جي واسطي،
محترمہ ايڊيٽرڨ، منڊا دليل!

❑

ڪير چوي تو چانور ڪونهن،
ڪير چئي تو ڪانهي ڪنڊ.
ڏنڊ سچڻ جا سگداسي ۽ -
ڪلنڌي وينو ٻرڪي ڪنڊ.

❑

www.sindhsalamat.com

اسانکي ڇڏي ويو غمن ۾ گڏي،
نتو ڏيهہ ۾ ڏسجي "سهڻل سهانگ"!
وجهو شور، شهپر وٽيو رعب سان،
گهمي پيو تو بازر ۾ رهزن مهانگ.

❑

ڪٿي جو درد- دل جو داستان دلدار سان ڇيڙيم،
چيائين: تنهنجو هر هڪ لفظ بلڪل آهہ بي مطلب.
چيم: هي هيتريون دانهون نہ تيون ڪائي رکن معنيٰ؟
ٻڌو اٿئون تہ خاموشي بہ ٿيندي ناهہ، بي مطلب.

❑

لکين شڪر ڊگرين جو آهي سڪار،
ڊرا نوڪرين جو تو ڏسجي ڏڪار.
مصيبت جا بيمار آهن هزار،
ملن ڪنهن کي ٽالهيءَ ۾ ڏاڙهون بہ چار.

❑

دل ٻڌي گمبير ٽي ڪوشش ڪجي،
چانهہ ڦان چاهت ذرا گهٽجي وڃي.
دل ٽٽي ياسي مگر شايد اٿين،
ڪنڊ جي قيمت ذرا گهٽجي وڃي.

❑

www.sindhsalamat.com

محنتون ۽ ڪوششون آڏو ڪري،
پوءِ پنيري بخت کي پرچائجي.
قدر لمحي لمحي جو پهريان ڪجي،
پوءِ ضديري وقت کي پرچائجي.

❑

هڪ طرف داڻو نہ آجو کائجي،
ٻئي طرف دهدار تو شادي ڪري.
گهر سڄو برباد ٿيندو تو وڃي،
واهہ جو تو خانہِ آبادي ڪري.

❑

ڪي روندا چمن تا، ڪي توندا چمن تا.
گهٽا حادثن ۾ جڏا تي پون تا.
زمانو بہ تن لاءِ خرڪار آهي،
وڪڙ ۾ اچي وير ونگجي وڃن تا.

❑

تنهنجو هر هڪ ڏينهن آ منهنجو گواهہ،
روشني کي مون گهريو آ بي پناهہ.
سال گذريل تنهنجي هڪ هڪ رات سان،
مڙس ماڻهو تي ڪيو آ مون نباهہ.

❑

www.sindhsalamat.com

بعضي بعضي زندگيءَ کي خوابءِ تا سمجهڻ لڳون،
دادلي درياهہ کي تالاب تا سمجهڻ لڳون.
بي وسيءَ جو ايترو احساس تو گهيري وجي،
فخر جهڙي ذات مهٽي هاب تا سمجهڻ لڳون.

❑

ڏسي سيڪوئي ويندو آ،
سجاڻ لئہ نظر گهرجي،
چٽي هر ڪوئي ڏيندو آ،
مجاڻ لئہ مگر گهرجي.

❑

ازل کان ابد، وقت آهي ڪشادو،
اسان جي جٽڻ لئہ ذرا تنگ آهي،
تخيل جي آڏو تہ ڪا شيءِ ئي ڪانهي،
قلم کي ڏنل چوڌطرف دنگ آهي.

❑

قوم اڳيان گدرو بہ تي، منڙو بہ تي!
غاصبن لئہ ٿوهہ تي، ڪوڙو بہ تي!
گاهہ جو ڪن لاءِ غاليچو بہ تي!
يونءِ جا پُٽ! ڪٽ پڳوتوڙو بہ تي!

❑

www.sindhsalamat.com

سوچ ڪر، سودا ڪري ڇريو نہ ٿي!
ديس ڪي ٿي ٿنهنجي دانائي کپي.
هوش ڪر، هن دؤر ۾ سادو نہ ٿي!
هن مهل هر حال اوچائي کپي.

❑

سڀ ڇون تا سوجهرو ٿيندو ضرور،
دل چوي ٿي اڄ سويرو ٿي پوي.
ڪوڙ سچ جو فيصلو ٿيندو ضرور،
تنهنجو منهنجو جي نبيرو ٿي پوي.

❑

چيم: شمعَ، ڇو خواهمخواهہ ٿي ٻرين!
چيائين: اگهڻ ٿي سهائي تہ ڏس!
پڇيائين: تہ تون مفت ڇو ٿو لکين،
وراڻيم : لکڻ ۾ سچائي تہ ڏس!

❑

ماڳ ڏورانهون مجيوسين، پيچرو سوڙهو بہ آ،
ٿوري ٿوري پنڌ تي پانڌيئڙا ٿڪجي نہ پئو!
زندگيءَ جو سلسلو اڻ ڪٿ بہ آ، اوکو بہ آ،
ڏينهن، مهنا، سال ويچاري - ڪٿي ورچي نہ پئو!

❑

www.sindhsalamat.com

چاهيمر تہ دوستن کي مان بي مبارڪون ڏيان،
جذبات ڪان نڙيءَ ۾ جملا اڙي پيا.
ايڏو تہ خوش ٿيس جو بيحد خوشيءَ منجهان،
زورو ڪري خوشيءَ جا ڳوڙها ڳڙي پيا.

❑

پنهنجي ماضيءَ، حال تي ماتم تہ ڪر،
جي نٿو ماتم ڪرين، ڪجهہ غم تہ ڪر!
غم نہ ٿو توکان پڇي، البيلڙا،
خالي هڪڙي آهہ پر، ڪو ڪم تہ ڪر!

❑

پنهنجي گهر گهر ۾ عمل پيدا ڪريو!
خالي نعرن سان اڳتي گونجو تہ ڇا!
سوچ واري لوچ ڏسجي ٿي نٿي،
ننڊ ۾ ڪو سورمو وڌليو تہ ڇا!

❑

ڪي ڪي ڳالهيون ڇڻ فقيراڻا لڏا،
ڪي ڪي ڳالهيون ڇڻ اميراڻا اڏا،
ڪي ڪي ڳالهيون آڏ نٿيون اُڪري سگهن،
ڪي ڪي ڳالهيون ٿيون ٽپن دِريا وڏا.

❑

www.sindhsalamat.com

اوهام جو ۽ جهل جو اونداه آ،
تحقيق ۽ تعليم جون لاٽون ڪريون.
پنهنجي پويان ۽ اڳيان ڳجگاهه آ،
تجويز ۽ ترتيب سان واٽون ڪريون.

☐

آڏو چارو تنگ آ، يا ويڪرو،
همسفر آهي جوان يا ڇوڪرو.
ٻات اونداهيءَ ۾ هرڪو اوپرو،
سوجهرو ڪريو او ساٿي سوجهرو!

☐

ننڊ سسئي کان کسي ورتو سهاڳ،
ننڊ مومل جو ڪيو خانو خراب.
ننڊ، نابودي، نراسائي نڀاڳ،
ننڊ نينڊين لاءِ ذلت جو شراب.

☐

لوئيارن کي لاٽڻ ليڪ،
ويڙهيچن ۾ آهي ويڪ.
مان قيد آهيان، مارو ناهن،
ڏاتيئڙا ڇو سهندا ڏيڪ!

☐

www.sindhsalamat.com

پٽَ گهوٽ گُهريون دل سان دعائون جيڪي،
عَرش ڏي انهيءَ وقت اُڏاڻيون هونديون.
جبرئيل کي چيئجو ته اهي ڪاغذ ڳولي،
هاڻي ته بهرحال اگهاڻيون هونديون!

خدايا! تون مونکي گهٽو گهرو سوچڻ جي طاقت نه ڏين هان!
جي سوچڻ جي طاقت ڏني هَئي ته، مارُن جي محبت نه ڏين هان!
جي محبت ڏني هئي ته، پرواني جيان پاڻ اُڇليان، پچان هان؛
هي آلي بُندي ٿي، اديبن جيان پڇرڻ جي فطرت نه ڏين هان!

سورج کي ڪُڏي ڏنڊ جو ڪوهير وٺي ويو
تدبير کي تقدير جو زنجير ٻجهي ويو
آواز پڌو روح ۾، رب لفظ نه سمجهو
معصومَ گهريو ڪير، مگر تير ملي ويو.

تدبر جا مالڪ، مقدر جي زد ۾
بهادر ڪڙڳباز، خنجر جي زد ۾
وڪوڙي ڏڏڙ سج، کي وئي الاڙي!
ايو ڪوهه بيٺو آ ڪنڪر جي زد ۾.

www.sindhsalamat.com

## پنج سِٽا

### پنجڪڙا

www.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com

## پنج سٽا (پنجڪڙا)

مرليون ڪٽي نياريون،
جـوڳـي جـوان ايـنـدا.
لـوڏون ڄجي ڏوڏ ڏاريـون
پڙشـون پخيـون به ڏيندا
سازي تـه پيـا سڏيندا.

☆

هڪ هو جوهرقدم تي نِوڙي جهڪي مري ويو،
ڏاري مهار نڪ ۾، ڊوڙي ڏُڪي مري ويو،
هڪ هي جو هر ستم تي بجلي ڳڙو تي ڪڙڪيو،
غيرت جي مامري ۾ شعلو، اُلو تي پڙڪيو،
جڻ ڏاڍ جي منڍيءَ ۾ ڪُنڍي ڪپي، مري ويو.

☆

گهر منهنجو گهمڻ آئين هي احسان آ تنهنجو،
احساس ڪري آس جو ايوان به گهمر تون!
۽ پيار سان دل منهنجيءَ جو دالان به گهمر تون!
هت آرزو ۽ جستجو سامان آ تنهنجو.
هن روح جي هر روم ۾ ايمان آ تنهنجو.

☆

www.sindhsalamat.com

گهٻراءِ نہ، هي تانگهہ جو طوفان بہ تنهنجو آ،
ڪيڏو بہ وڏو سمنڊ، ڪناريءَ تي جهڪي ٿو،
آڪاس گهمي چنڊ، مگر باغ ِ چمي ٿو،
بيباڪ بخاريءَ جو بيان آهہ برابر،
پر نظم جي هر عزم ۾، اعلان بہ تنهنجو آ.

☆

مسڪين جي محبت ۾ مزو ڪهڙو آ،
هر گهُورَ جي پاڇي ۾ ضرورت ڏسجي.
دل ناز گهُري موت ۾ نوڙت ڏسجي،
ها، عشق ۾ محبت ۾ مزو ڪهڙو آ
هڪ ٻِر بہ تفاوت ۾ مزو ڪهڙو آ.

☆

مسڪين جي بہ، محبت مزيدار آهي،
معشوق ۽ عاشق ٻئي، مسڪين هجن،
ٻئي جوڀ، ٻئي جوڙ، منڍي مين هجن.
ڇا ٻئنڪ جي پرواهہ، جتي پيار آهي،
خود عشق شهنشاهہ: شهر يار آهي.

☆

مان ڳوٺ جو ۽ يار ڳوٺائي منهنجي،
هن ڳوٺ ۾ ماڙي نہ دري، جهات ڪٿان ٿئي!
اسڪول نہ ڪا فون، ڳجهي بات ڪٿان ٿئي!
هي پريت بہ الهڙ ۽ اياڻي منهنجي،
جنهن دور ۾ هئي قوهہ جواڻي منهنجي.

☆

www.sindhsalamat.com

هڪ ڏينهن، تکو تانگهہ جو تڙڪو نہ تو وسري،
پاٽيءَ جو گهڙو چيلهہ، متي تي ٻهڙو،
سيني سان پسيني تي، هو چنبڙيو گهگهرو،
ڏيلهن سان ڏلهيل ڪرڙ جو پاڇو نتو وسري،
مون توکي ڏنو يارَا! سو بوسو نتو وسري.

☆

جهڙ، واءُ ٿڌو، مينهن جي ڦوهار آئي،
هڪ سيءَ سنهو، بيو توکي چولو سنهڙو،
ٿيون سرنهن جي ڦولار جو اولو چڏڙو،
مون توکي اچي گاهہ پري ٻڏرائي،
هٿ هٿ سان مليو، شاڪ لڳي، لهر آئي.

☆

جنهن مهل مڇي مون ڏي اچين تي پياري!
نئين گاج تي ڪاڇي تي لهين تي پياري!
پڪڙي تي وڇي من جي ٻنيءَ ٻاري ۾،
پيچ مون ڪان نہ تون پنهنجي پرين باري ۾،
انگ انگ ۾ تون رنگ، رنگين تي پياري!

☆

ويساک ۾ ترديس تي وسڪارو،
فردوس جي تصوير ٿيو اونهارو،
آڪاڙ جي چانڊاڻ، ڪلي تي ٻهڪين،
سرهاڻ ۾ سرهاڻ، ملي تي مهڪين،
جنت ڪان بہ جيوت جو نظارو پيارو.

☆

www.sindhsalamat.com

تون ڪلف گِراتين جا هٿيون ويني آن،
۽ تن جون ڪنجون هَٿ ۾ ڪٽيون ويني آن!
مان پال پلا تنهنجا پچان ڪيئن، جيڏي!
پرڏيهه چڏي، توکي وڃان ڪيئن، جيڏي!
تون چڻ تہ صفا، سِنڌ ٻٽيون ويني آن!

☆

محبت ۾ مِحون تا تہ مصيبت بہ تہ آ،
هن درد سدوري ۾ مزو ڏاڍو آ،
هن زهر ڪٿوري ۾ نشو ڏاڍو آ،
ري پيار پريشان طبيعت بہ تہ آ،
هي لطف رڳو ناهہ، ضرورت بہ تہ آ.

☆

آواز اٿيو: گيت چئہ ”عشقي - عشقي“
غوغاءُ ٿيو: نظم ڪو ”قومي قومي.“
استيج ڪئي، جنگ جو ميدان اٿئون،
سُر، ساز، ڏڪڙ، ويڙهہ جو سامان اٿئون،
تا جنگ لڙون، رقص ۾ جهومي جهومي.

☆

انگ انگ جلن تا ۽ اُلا نڪرن تا،
نعرا سي ڪڙاهيءَ مان ٿلا نڪرن تا.
مينهن سان پچي باهہ چا، وسڪار تہ ڏس،
هي جوتجي ويا جُوءِ جا جهونجهار تہ ڏس!
گهر گهر مان ٻريو شعلا، چُلها نڪرن تا.

☆

www.sindhsalamat.com

قتلام تي گهرگهات ۾، واڪا نہ ٻڌا تو!
وڏڪار ۾ حقدار جا هوڪا نہ ٻڌا تو!
پر مارا تون بيجان کو پٿر آهين
جي ساهہ اٿئي، پو بہ تون سوئر آهين!
دل دل جا تہ ڇا، ديس جا دهڪا نہ ٻڌا تو!

☆

جي آڳ لڳايو ٿا تہ اوريڪ آهيان،
ٿا راڳ ڪَهايو تہ تکي چِيڪ آهيان.
مظلوم ۽ ظالم جو مسلسل جهڳڙو،
حقخور ۽ حقدار جو هرجا رڳڙو،
مان سنڌ بہ، سنسار جي تحريڪ آهيان.

☆

ماحول جي شعلن ۾ تتل شيخ آهيان،
ڪشمور کان پنيور پريل چيخ آهيان،
مان ذنبي چرئي ڏاڍ کي ڏيندو ٿو وِتان،
هَرِ دانهن کي ديوار تي لکندو ٿو وتان،
هن دَور جي تحريڪ ِجي تاريخ آهيان!

☆

انصاف جي پاٿي تہ پلي، هار آهيان،
انڌير لتاڙي تہ پوءِ هالار آهيان.
پلجو نہ، برهما جو مان مندر ناهيان،
مسجد جو بہ محراب يا منبر ناهيان،
تاريخ جي تعمير جو ِمينار آهيان.

☆

www.sindhsalamat.com

شاگرد پناڻيءَ جو، هُونئن استاد آهيان،
هِن دور جو آواز، نئون ناد آهيان!
پيا غور ڪري مون کي هميشه پڙهجو!
پُرجوش مگر هوش سان حق لئہ لڙجو!
هِن ديس جي هر ڪيس جو فرياد آهيان.

☆

هر ڳوٺ، ڳليءَ ساڻ ڳنڍيم يارانو،
ڪي دوست سڏيندا تا وتن ديوانو.
هيءَ دور غلامن جو نہ ٻانهن جو آ،
هيءَ قول مگر عقل جي آڄن جو آ:
هِن قومہ جو مون کي چئو خادمہ، ٻانهو.

☆

مون ناد تي اتحاد وڄايو،
هِن ديس جو هر فرد جاڳايو،
بندوق ڪٿي پُٺن لئہ لڙان ها!
تلوار سان تاريخ لکان ها!
ارمان! ٻئي ماڳ ملهان ها!

☆

يارا! جوين ڪان وئي مون کي يڪو،
تير حضرت عشق جو اهڙو لڳو،
ديد ڪان گذري سڏو دل تي ڪُتو،
ڇا مزو ليچ پيچ جو، مون کان تا پڇو:
زندگي ۽ موت جو هو ڇهچٽو.

☆

www.sindhsalamat.com

سوچ کي اڻ تڻ لڳي، محبت ڪيم،
سونهن کي پنهنجي ڪٽي جيوت ڪيم،
عشق جو هو آڳ، سو پاتم ڪٽي،
جو نه ڪجهڙو بار سو چاتم ڪٽي،
زندگي جي زهر کي امرت ڪيم.

☆

ڪوڙ تنهنجا ها بخاري، آرزوءَ جا قافلا،
آسرن جي تڙ تي ڪي لاهي لڏو ترسيا پيا،
ياڳ جي ڏوڪي تي ڪي واٽون ڇڏي پتڪي پيا،
توڙ پهتا تنهنجي جهد ۽ جستجو جا قافلا،
آجيان تن جي اڳيان ڪن رنگ بو جا قافلا.

☆

صبح سانجهيءَ عشق جي اڪڙين ۾ اوسيڙا پرن،
عشق خود اڙبنگ ارڏو عشق اڻ رڪٽو عمل.
ظلم تيو جيڏو گهٽو، ايڏو ئي هو تي پيو آپلُ،
نينهن ڏيوالو ڪڍيو، تا ڏينهن جو ڏيئڙا پرن،
صبح سانجهيءَ، عشق جي اڪڙين ۾ اوسيئڙا پرن.

☆

انتظار ايڏو نه تنهنجو مان ڪندس،
رات، تارا ڦاڙي ڪنهن ڏي پل تڪي،
ماڪ ڳوڙها ڳاڙي ڪنهن ڏي پئي تڪي،
تنهنجو هر حالت ۾ پيڇو مان ڪندس،
موت جي منهن ۾ به "ميلو مان ڪندس"!

☆

www.sindhsalamat.com

چيلهہ منهنجيءَ دل جي، ڪالهوڪر پڳي.
ڇا تہ مايوسيءَ جي من ۾ آس آ،
عشق جي جذبي کي اک شاباس آ.
ڇهہ ڇڄي پيا، ڳالهہ پر پئي آ ڳنڍي.
"ڍيمر ڪالا باغ" ۽ سنڌو ندي.

☆

"ڇانوٽي" دردن هنئين ڇاتيءَ ۾ آ،
پيڙ دل ۾ دندنائيندي وتي،
باهہ رڳ رڳ کي ٻڇائيندي وتي،
ڇڻ ڪليجو قهر جي ڪاتيءَ ۾ آ،
ڇانوٽي دردن هنئين ڇاتيءَ ۾ ا.

☆

طبع منهنجي، 'طيبا' جو ڇڻ ڳوٺ، آ،
تون بہ آئين، وٺين بہ تي فوٽو وٺي،
رات ڪِٽ غمگين سان ڪاتيءَ ڪٽي.
هاٿي تي پيو نانگ هڻ ڪڻ ڳوٺ آ،
طبع منهنجي طيب جو ڇڻ ڳوٺ آ.

☆

جاڻ منهنجي جند کي محبوب جهڙو "جام ڳوٺ"،
هڪ طرف ڏاڙيل دردن جا بہ منهنجي جسم ۾،
ٻئي طرف گهمسان گولن جا بہ منهنجي جسم ۾،
ملڪ ۾ مشهور تنهنجي برهہ ۾ بدنام ڳوٺ،
او سڄڻ افسوس سمجهين تون بہ تو هڪ عام ڳوٺ!

☆

www.sindhsalamat.com

ڏوهہ جي روڊن تي هيڪاندا هراس،
ڪوڙ جي ڪڪرن مٿان، سورج نراس،
گهر گهٽيون مايوس، روشندان اداس،
زلـزلا، طـوفـان، واچـوڙا چـڙيـا،
انـقـلاب الله جـو سُـڻهن، آسپـاس!

☆

شوق سان گهوري چڙهيئي رڳ رڳ ڇُهي،
پيار سان مُرڪي وٺئي چپ چپ چمي،
مان جو تنهنجي گهور ۾ گهمندو وتان،
مرڪ جـا موتيـا اجـا چمندو وتـان،
جوش جاڳايئہ، سگهيو ناهي سمهي!

☆

بـاغ جـوين جـا ايئن اُڪـري ويـا،
هــاڙهہ سهڙيـو بـاز چـڻ اڏري ويـا.
هت اجا يادن ۾ عضون کي ڇهـن،
لِڱَ اجا سپنن ۾ پينگهن ۾ لڏن،
ڏوبـدو جـا ڏؤر سـي گـذري ويـا.

☆

جا بجا رات جا هوڪا، بڪـواس،
بانس ۾ واچ جا جهٽونڪا، بڪواس،
سيڪ تي مينهن جا ڇڪا، بڪواس،
قيد ۾ ڪالهہ ڪان ڪوئل، بلبل،
بند ڪر بُندِ جا چيرا بڪواس!

☆

www.sindhsalamat.com

مونکي چيو زماني: ڪجهہ حوصلو تہ ڪر!
وڪري ڪروڙ دل جو گڏ ولولو تہ ڪر:
پنهنجي پلوڙ ٻوليءَ تي پروسو تہ ڪر!
مون دل ڪري ٻُڌايا پرپور شعر پر–
هو دَور غيرو، دانهن ڪيئين ترجمو تہ ڪر.

☆

ائين مانڌاڻ .آمن ۾ جئين مهراڻ ۾ چوليون،
ايئن تاريخ جا طعنا جيئن رينجرس جون گوليون،
هي پوئين رات پنهنجون موڪلائيون رَتَ رئڻ واريون،
سدائين سنڌ جي تهذيب وانگر هاڻي پيا ساريون،
نوان آجا مزا عيدون، نيون ميلاپ جون هوليون.

☆

www.sindhsalamat.com

## ڇهه ٽِڀڪا

www.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com

## ڇهه سِٽا (ڇڪا)

ها، هاڙهه اچي ويو آ.
درياهه چڙهي ويو آ،
جذبا بہ ايامن تا.
ٻوڙن تا ڪکر اُپَ تي
ولڙن جا ولر توڙي
اڏمان بہ اڏامن تا.

❁

آئينو، تہ ناهيان جو
اچرج ۾ اکيون ڪوليو
توڏانهن ڏسان وينو،
هڪ حور جي پاسي ۾
محشر جي دلاسي ۾
وسڪان ۽ سڪان وينو.

❁

تون ريت تتي آهين
جڻ باهہ وتي آهين
وسڪار سان مل ڌرتي!
جو چاهہ جو چؤماسو،
تَنهِن تُنهنجو وتو پاسو،
اُٿُ پيار سان مل ڌرتي!

❁

www.sindhsalamat.com

بيچين طبع چنچل،
جيئن روڪ ايئن اڇل،
جذبات وتي آهين!
مان ڪاڇو، اچ ڪڇ ۾،
پئي پوءِ، نچ ڪڇ ۾.
برسات ندي آهين.

❃

سڪ جيئن تي زور پري،
دل تيئن تي شور ڪري
ته مات ڪري وينس،
لالڻ چڪي تنهنجي،
سرهاڻ سڏي تنهنجي
توڙي جي پري وينس.

❃

نئين گاج سُڪي پئي آ،
منچر به لهي وئي آ
تئي مينهن جو وسڪارو،
چپ منهنجا تتا تاسا،
ڳل تنهنجا صفا پياسا.
ڪو نينهن جو وسڪارو.

❃

www.sindhsalamat.com

## ٻي رات ٻچون نہ ٻچون

هيءَ هير نچي تي پئي،
هوءَ سير نچي تي پئي،
اڄ پاڻ ٻہ يار نچون!
اٿ چاهہ جون چانڊوڪيون،
اڄ رات سڄي ڏوڪيون،
ٻي رات ٻچون نہ ٻچون!

❋

هي چيٽ تي، چيٽ لڳي،
ءِ پيٽ تو، ٻيٽ لڳي،
ءِ سنڌ آ سنڌ ندي.
هڪ جوءِ، ٻيو جيڏيءَ جي،
تعريف ڪريان ڪهڙي،
هڪ جند، ٻي روح رتي.

❋

www.sindhsalamat.com

## آدم ۽ حوا

رستي ۾ اچي منهن پيو،
سو باغ اڪيلو هو،
صوفن جو ۽ انبن جو،
”ننهن“ پير جو لوڙهو هو،
اک گهور گليلو هو،
مان گهورو ميون جو.

❃

ڪو ڪنڪ جو داڻو هو،
يا ننڍڙو هنداڻو هو،
يا انب پڪو هو ڪو،
حوا جي هٿن اُلري،
آدم جي چپن چنبڙي،
جنت ۾ چڪيو هو جو!

❃

انگور چڱا گفتا،
محبوب مٺا تنهنجا،
مخمور ٿيان نہ ٿيان!
فردوس جي آڳر ۾،
هڪ حور جي پاڪر ۾،
مسرور ٿيان نہ ٿيان!

❃

www.sindhsalamat.com

هڪ پَلَ جي حوالي سان،
انداز نرالي سان،
آدم جو قصو نڪتو.

محفل ۾ ته مرڪي پيس،
پر دل ۾ لڇي ٿي پيس،
ڇڻ منهنجو قصو نڪتو.

❊

www.sindhsalamat.com

## متارو – موکي

سسئيءَ جان يا سهٽيءَ جان،
يا منهنجي جلئي جيءَ جان،
معلوم ٿيو ماندي آن!
بيگاهه جي برقعي ۾،
هت جان جي جوکي ۾،
ڪنهن عشق ته آندي آن!

✻

لوڏيون مون اداسايون،
تاريون مون نراسايون،
اميد جو آئي آن!
موسم آ جهمر پاتي،
استاد خوشي ڳاتي،
تون عيد جو آئي آن!

✻

تون چنڊ ته مان چشمو،
تون بوءِ ته مان جهئونڪو،
آئيان تو پيو توکي.
تون دور گهٽو پر مان،
هر رات ڏسي سپنان،
ماڻيان تو پيو توکي.

✻

www.sindhsalamat.com

مان لوهہ تہ تون پارس،
اڪسير نہ امرت رس،
مان ميهر تون سهڻي،
مان شام نہ تون راڌا،
يوسف نہ زليخا، ها،
مان مست ۽ تون موکي.

❃

اوڪاس اتم ازلي،
اميد ڏکهي ابدي،
مهلن ۾ نتو ماپان
تون ڪاهہ - ڪشائون پر،
آڪاس بکيو مان ير،
ڏاپان تہ ڪيئن ڏاپان!

❃

مرڪين تہ چڪيان ماکي،
سرڪيان تو نظر ساقي،
جي نيڻ ڪٽين تي پئي!
تعريف ڪريان ڪهڙي،
تمثيل ڪتي اهڙي،
تون جهڙي وٽين تي پئي!

❃

www.sindhsalamat.com

مان واءُ تہ تون خوشبوء،
مان ديس تہ تون دادو،
ياڪر بہ ڪڏان ڪيئن مان؟
تون سِير تہ مان دريا،
تون شَمع تہ مان شعلا،
تورو بہ ڇڄان ڪيئن مان.

❁

اغيار قهارين سان،
آرن سان ۽ آرين سان،
منهن عشق کي ڏيٺو آ.
شيرين جا ساز آهن،
پرمارَ پهاڙ آهن،
فرهاد تي جيٺو آ.

❁

تين رات تمنا جي،
ڪلهہ رات تقاضا جي،
اڄ رات آ وعدن جي.
ڪل ڪيڄ جي ڪنوڻن مان،
جذبات جي ڪڪرين مان،
برسات آ بوسن جي.

❁

www.sindhsalamat.com

ڪٽهار جي ٽمر ٽمر ۾،
وڻ واءَ جي ڇمر ڇمر ۾،
ڇپ ڇنگ وڃن ٽا پيا.
تَنُ حسن جو جذباتي،
من عشق جو جذباتي،
انگ انگ وڃن ٽا پيا.

❃

پرياڻين ٽو بوسن سان،
هاڻ تارين ٽو چنڊن سان،
جو باهہ جو ڪورو آ.
تون ڍُنگ تي ڍُنگ ٽو ڏين،
چڙ رُنگ تي رُنگ ٽو ڏين،
ڏي جيڪو سمورو آ.

❃

وسڪار جا اوهيرا،
ٽپٽار ڏينديون ڏورا،
ٽر ٽاڻ ٽري پيو آ.
خوش ٽي ۽ ڪلٽين دل ٽي،
ٽي مست ملٽين دل ٽي،
اڄ هاڻ ٽري پيو آ.

❃

www.sindhsalamat.com

هن گل کي اهو پڇنرو،
چاهت مان اچي چنبڙيو،
هي ڪائون ڦيرو آ؟
مون کي تہ قسم تنهنجو،
محسوس ايئن ٿئي ٿو،
ڄڻ ڦيريون پيرو آ.

❃

هڪ تنهنجو منو پٽڪو،
ٻيو ٻانهن ڪنگڻ چمڪو،
ڪوئل نہ ڪجاڻ ڪوڪو!
هڪ وار وڳا سُرها،
ٻيو ساهہ تکا سرها،
گلشن نہ ڪپي خوشبو.

❃

ڪو بحث ڪيوسين پئي،
هڪٻئي ذي ذنوسين پئي،
هيءُ ربط ٿئي ويو ڇو؟
مُنهن لال رنگو ٿي ويو،
آواز گگهو ٿي ويو،
موضوع ڪٽي ويو ڇو؟

❃

www.sindhsalamat.com

هڪبئي ڏي ڏسون تا پيا،
ڪيڏو نہ ٻچون تا پيا،
مخصوص هراس آهي،
طوفان اتڻ ڪان اڳ،
برسات وسڻ ڪان اڳ،
هيءَ ڏيک بہ خاص آهي.

❃

ست سمنڊ ملي وسعت،
سج چنڊ ڪتي دولت،
سنسار جي دل نہ پري.
مون پيار ڪيو اڻ ڪت،
چَپ چپ تي هٿن ۾ هٿ،
پر پيار جي دل نہ ڀري.

❃

جُڳ جُڳ نہ تنن ياڪيون،
جڳ جڳ نہ ڪنٿن چميون،
ءِ موت نہ مور هجي!
هن ديس جا گهير گهٽيون،
فردوس ضرور ڪريون،
هت حور قصور هجي!

❃

www.sindhsalamat.com

## استاد سان تون ملندين!

ملبوس جيئيءَ جرسان،
تندور تي پهتس مان،
پاڻيءَ جو گهڙو تي پيؤ!
هيءَ جند جلي پئي تي،
جڻ سنڌ جلي پئي تي،
اٽ تون بہ ڪڙو تي پئہ!

❃

دلجاءِ جو ڦوهارو،
ڪو پيار جو وسڪارو،
دل درد جو ڪورو آ.
استاد جي اولي ۾،
هن آڳ جي گولي ۾،
هي ملڪ سمورو آ.

❃

زندگيءَ جو وڏو گل آ،
لالي جو ننڍو گل آ،
پر آڳ گهٽي ڪنهن ۾؟
ها باغ بہ جاڳي تو،
ءِ داغ بہ جاڳي تو،
پر جاڳ گهٽي ڪنهن ۾؟

❃

www.sindhsalamat.com

درياهہ تہ نـنڍڙو آ،
پر سمنڊ بہ تانگهو آ،
او يار ڪپر ڏاري؟
استاد سان تون ملندين،
آجهار اندر ڏسندين،
ڇـر هوندي نظر ڏاري.

✻

## ها ساز چڙي تو پيو

خوشبوءِ پيني پيني،
انگ انگ ۾ رنگيني،
اڄ تون تہ اُتو تر آن!
سيني تي پٽون سهٽيون،
چولي تي وليون سهٽيون،
نظرن ۾ نبيسر آن!

✲

هڪ چند متان چمڪي،
پيو سمنڊ اڳيان ڇڇڪي،
ڪيئن جوش ونگي جهلجي!
هاساز چڙي پيو تو،
من مست ٽِڙي پيو تو.
وجهي تہ ڪِڏي وجهي.

✲

www.sindhsalamat.com

## سوراج اياريون ٿا

• جيئن سنڌ کي سيد گهري،
۽ منڌ کي مرد گهري،
ايئن توکي گهران ٿو مان.
• جيئن قوم لئہ بخش رڙي،
• ۽ عام لئہ جام لڙي،
تيئن تولئہ لڙان ٿو مان.

✲

مزدور، ڪسانن جي،
جهونجهار جوانن جي،
دل ديس جي دولت آ.
استاد بخاريءَ جي،
۽ ان جي پيارَيءَ جي،
دل ديس جي دولت آ.

✲

پورهيت جي پسيني ۾،
سرويچ جي سيني ۾،
ٿي ديس جي دل ڌڙڪي.
انگاس ارادن ۾،
شعرن جي قريرن ۾،
اعلان اجهل ڦڙڪي.

---

• سيد: جي - ايم - سيد
• بخش: حيدر بخش جتوئي
• جام: جام ساقي

www.sindhsalamat.com

ڪلھہ ٿھر جي ڪوٽن ۾،
اڄ ٻوھہ جي ٿنڊن ۾،
انسان جو آئيندو!
ڌھڪار جو ديرو آ،
پرمار جو پھرو آ،
انصاف ڪٿان ايندو؟

❋

اڌ رات جي پردي ۾،
حالات جي ھڳڏي ۾،
سوراج اياريون پيا.
قيدن ۾ ڪمندن ۾،
بندوق جي ڌڌڪن ۾،
آواز اٿاريون پيا.

❋

www.sindhsalamat.com

## او ذات

او ذات ٻڌڻ تي پئي!
ڇو مفت ٻڌڻ تي پئي؟
آڄهار مان نڪري آ!
تي قرب جي اقراري،
ڪنهن ريت مگر پياري،
انڪار مان نڪري آ!

❊

اڌمن ۾ اچين ڪٿ تي،
پڇرين ۽ پڇين ڪٿ تي،
بي باڪ شباب آهين!
ٽئگور جي جذبن جو،
۽ مير جي غزلن جو،
گمبير ڪتاب آهين.

❊

اڄ رات تہ اُڌمين آهين،
جذبات ۾ جهومين آهين،
بي تاب رباب آهين.
خوشحال ۽ نذرل جو،
هڪ جهد مسلسل جو،
بي باڪ ڪتاب آهين.

❊

www.sindhsalamat.com

ڪِيلي بہ ۽ ڪيهر بي،
ويري بہ ۽ واهر بي،
پندار پٺائيءَ جو.
اي دل! تون اياز آهين،
تنوير، نياز آهين،
گيت آهين گدائيءَ جو.

❋

ڳالهاءِ ڪُلن ڳنديون،
اک لاءِ ڦٽن نندون،
سڪ لاءِ سبب گهرجي.
تاريخ نہ چئي بُزدِل،
محڪوم نہ ٺئي محفل،
بيباڪ ادب گهرجي.

❋

www.sindhsalamat.com

## منهنجي خمار خاني ۾

منهنجي خمار خاني ۾،
شعرن جي ڪارخاني ۾،
تنهنجي شباب جون ڳالهيون.
روڪيان ته ڪيترو روڪيان،
دنيا ۾ رات ڏن وانگيان،
ڏوهه ۽ ثواب جون ڳالهيون.

❊

بنجي تهي جڙي آئين،
موقعو ڏسي مڙي آئين،
تنهنجو قصور هو يا نه؟
بي اختيار جهومي پيس،
توکي ضرور ڇهتي ويس،
منهنجو قصور هو يا نه؟

❊

www.sindhsalamat.com

## هڪ هڪ جي يادگيري آ

ڌرتيءَ ۾ دفن جيئن ڏن آ،
سپنن ۾ منهنجي جوين آ،
توڙي جو پهتي پيري آ،
ڪي ڇهڪ، چوچڙيون، پيڙون،
ڪي ٺهڪ، ڳالهڙيون منڙيون،
هڪ هڪ جي يادگيري آ.

❁

جوين جي پيڙ ۾ جوين،
جهوميو نچيو نون جذبن،
سو ڏينهن تو ڪئي وسري!
مون تي ڪکر جهڪي پيا ها،
بوسا صفا وسي پيا ها،
سو مينهن تو ڪئي وسري!

❁

www.sindhsalamat.com

## مونچو: حضور آئين آن!

ڳاڙها گلاب ٌاڪري ويا،
تازا سڳنڌ اڏري ويا،
ويندي بهار، آئين آن!
پنهنجي عجيب جوين تان،
منهنجي غريب جيون تان،
لاهڻ ميار آئي آن!

❃

ڪجهہ خوشگوار آئين آن،
ڪجهہ ناگوار آئين آن،
مجبور ضرور آئي آن!
جذبا الائي ڪٿي آهن؟
عضوا رڳو هتي آهن،
مونچو: حضور آئين آن.

❃

مونچو: مون چيو

www.sindhsalamat.com

## هر حال پيار ايندو آ

تڪڙي ڪتي وچان تي مان،
پيارا صفا چرين وانگيان،
چنبڙي ائين نہ پوندو ڪر!
منڙي مري بہ ويندوسانءِ،
موتي وري نہ ايندوسانءِ،
”اونهون“ ائين نہ چوندو ڪر!

❃

تون چو نہ تو اچين مون ڏي!
مان چو رڳو اچان توڏي؟
گل ڏي بهار ايندي آ!
ڪرشن ڪي تو پڙهيو ناهي،
ميهر جي لئہ ٻڌو ناهي،
چقمق ڏي تار ايندي آ.

❃

مومل ڏي ايندو هو راڻو،
ليليٰ ڏي قيس ديوانو،
اڪ ڏي خمار ايندو آ.
سسئي پنهونءَ تي سوچون تا،
هن مامري تي پرچون تا،
هر حال پيار ايندو آ.

❃

www.sindhsalamat.com

ڪالهہ رات هڪڙيءَ ڪاريءَ ڪي،
ماري وڌائون ماڙيءَ تي،
بازار ۾ ٻڌو هونديءَ!

تعذير جو نئون نڪتو،
دستور ۾ اچي تو پيو،
اخباز ۾ پڙهيو هونديءَ!

❁

پرواهہ ناهيَ تيندو ڇا،
جيڪي اسان ڪي ٻاڙن تا،
ڪهڙا هي تورزن آهن!

تورو خيال ڪر پيارا!
هوري تہ ڳالهہ ڪر پيارا!
ديوار ڪي بہ ڪن آهن.

❁

www.sindhsalamat.com

## توسان حساب ڪهڙا؟

خوشبو ٻڌان تي مان ٻوڪي،
چادر ڪيان تي چاندوڪي،
توسان حجاب ڪهڙو آ!
اڄ رات جيترا تارا،
ٻوسا ڏي تيترا پيارا،
توسان حساب ڪهڙو آ!

❃

تنهنجي بهار ساڪي آ،
۽ تار تار ساڪي آ،
گلشن سڄو گهميو آ مون.
پيرين گهمان تہ گستاخي،
سڪ سان چمان تہ پو ساقي!
چپو چپو چميو آ مون.

❃

www.sindhsalamat.com

## نقلي

هـر روز ناز نـخرا هـا،
مون ڏانهن تو پئي آندا ها،
نقلي گلن جا گلدستا.
ڳاڙهيون اکيون، اڇا ڳوڙها،
ڪنهن ڏينهن تو ڪٿي آڇيا،
اصلي گلن جا گلدستا.

❁

هر هر پلئہ ڪي ٿي ٺاهي،
هُنَ کي بہ پئجي ويئي آهي،
ساڙهيءِ سنيار جي عادت.
چمڙي ڏسان جتي ڀوري،
منهنجي بہ آهہ مجبوري،
ڇوريءَ نهار جي عادت.

❁

www.sindhsalamat.com

## ڪانياري

هرڻيءَ اکي، نئر ناري،
ڪنهن ڪاڻ تي ڪانياري،
پاڻهئي شڪار تي آئي.
بانڪو شباب ۽ بيوس،
منهن جي وويڪ لئي وينگس،
قاتل ڪٽاري تي آئي.

✻

تنهن ڏينهن ڪامڻي ڪائي،
گهرجون گهٽيون ڪٽي آئي،
مجبور نيڻ ڪٽندي وئي.
پنهنجي حجاب ۾ پسندي،
پانهن، ڪَچن وَتان سسندي،
لُڇندي به تير هٽندي وئي:

✻

هڪ لفظ زبان لرزي،
احساس ڪي ويڙهي وئي،
بنروقت پشيماني.
ماڻهو نه فرشتو آ،
گفتو نه صحيفو آ،
ڪر بخش خطا جاني!

✻

www.sindhsalamat.com

هڪ لفظ زبان ترڪي،
مفهوم ڪريو چرڪي،
پڇتاءُ پيو تڙپي تو.
اک آهي مرم ورتي،
دل ٿي پئي دُکي دردي،
روح آهي سو روئي پيو.

❊

ڪنهن سَهَوَ ڪان چيهه ڏئي،
مون بند وڌو توڙي،
جو پيار کي تو توڙي.
ڳولينو ڪو بچيو جذبو؟
آهي ڪو رهيو رشتو؟
جو جوڙ وري جوڙي!

❊

هڪ چرڪ يا جهٽڪي سان،
ڪنهن ڏور ڪچيءَ وانگيان،
ياري تہ نہ ڇنبي آ.
ڪنهن چرڪ چني آ جي،
مشهور مِنا آهي،
ڇنبي آ تہ ڳنڍبي آ.

❊

www.sindhsalamat.com

ڪاليج کان گهر پهتي،
چپ چپ ڪي چميو ڇهتي،
چا لطف اچي ٿو پيو.
هڪ چانهه پيو چاهه پري،
تيون تهل ۾ پيار پري،
تڪ بت جهولي ٿو پيو.

❃

چنبي ۾ وجهي چنبو،
مون زور ڏنو تورو،
ڇَونڪي ته مزو آيو.
هٿ هٿ مان ڪڍي مُرڪي،
ڇُهندي جا هنيم هلڪي،
ڇِرڪي ته مزو آيو.

❃

مصريءَ جون تَڙون ٿو وٺ،
ڪارڪ جي ڳَڙي ٿو وٺ،
ڏونهيء حا ڏنم ڪوپا.
محبت جون مثايون مان،
هر روز ڪنيو ڪاوان،
جذبا نه ڪڏهن ڊاتا.

❃

www.sindhsalamat.com

چُنريءَ تي ڪنول ڇاپيل،
چوليءَ ۾ پيڻ ڏانپيل،
ڇهُجي تہ ڇُلي ڪينجهر،
مان پوئنر، مان پروانو،
مان حسن جو ديوانو،
تون منهنجي مٺي دلبر!

✽

ڇا ميڙ ۾ نچڻي آ،
يا باغ ۾ هرڻي آ،
يا ڇانگ ۾ ڇيلي آ.
ڏس رقص ۾ جذباتي،
ڇا ڇا نہ ڇُلي ڇاتي،
ڄڻ جام ۾ جيلي آ.

✽

ان رات جي ياد اٿم،
پريات جي وقت سندم،
جذبات اگهامي ويا.
جذبن جون وڳيون تاڙيون،
جهومڻ جون جهليون جهاڙيون،
دک درد اڏامي ويا.

✽

www.sindhsalamat.com

هي حسن وطن آهي،
جنات عدن آهي،
گهر گهاٽ گهمان تو پيو،
بُستان بدن تنهنجو،
مان واس، ورن تنهنجو،
چشمن سان چمان تو پيو.

❃

هي سنهڙيون آڱريون،
ڪيلي جون ڪچيون ڦريون،
ڪاڙهو نہ ڪٽي تن ڪي.
هي باغ بدن تنهنجو،
صوفن جو ۽ انبن جو،
جهولو نہ جهٽي تن ڪي.

❃

مخمور ڪنارو آ،
محبوب نظارو آ،
معشوق ڪلفتن آ.
تون مون سان گهمڻ آئين ۽،
چمچڻ ۽ چمڻ آئين ۽،
اڄ مست مگن من آ.

❃

www.sindhsalamat.com

ڪنهن وقت تہ اچ مون وٽ،
هڪ ڏينهن يہ گهٽ يہ گهٽ،
ڊاڪٽر جي وزٽ وانگر.
چؤ لفظ گنل پينل،
۽ طرز ڪٽان ورتل،
مشهور ڪئسٽ وانگر.

❁

جيپون ٽيون ڊڪن ٻڪريون،
گوليون ٽيون وسن ڪڪريون،
وسڪار سُنو ٿئي ٿو.
تعزير تڏا جهوٽا،
ڦٽڪا تا ڦٽن ٻوٽا،
گلزار خِطو ٿئي ٿو.

❁

مهراڻ جي هيءَ مستي،
ڪشمور ڪان ڏس ڪيتي،
نئين حسن کي هستي آ!
ڳل هير ۽ رانجهڻ جي،
تقريب فريدڻ جي،
پٽ گهوٽ جي بستي آ.

❁

www.sindhsalamat.com

راڪاس گهمن تا پيا،
گهر گهات ڳهن تا پيا،
سُنسان امنگ آهن،
پر عزم جي اندر ۾،
هن ديس جي گهر گهر ۾،
طوفان بتنگ آهن.

❋

ڏوڏيئين نہ درختن کي،
ڏئي اوت تو ڏيئن کي،
طوفان اهو کهڙو!
آزار ڪتي ڦتڪيا،
پرمار ٻُڏي تهڪيا،
اعلان اهو کهڙو!

❋

زندان ۾ سُرندو آ،
زنجير ۾ سُرندائي،
آواز ڪٿيو پيو آ.
بازار ۾ پڇرو آ،
شهر آهي تماشائي،
پرواز ڦٿيو پيو آ.

❋

www.sindhsalamat.com

جذبن تي ڪامر جو قبضو،
نڪ نرڙ تي پگهر نڪتو،
سهڪي ڪان سينو ايري تو.
جيئن جيئن ڇهاءُ تيئن ڇوليون،
طوفان تيز ۾ لهرون،
جڻ سمنڊ اٿلي پٿلي تو.

❃

سيني تي پاڻ ليٽائي،
پنهنجو خُمار پَلِٽائي،
مستن کي مئو ٻه تون تي ڏين!
اڏمان جوان ايرن تا،
اڻ جهل امنگ اڏرن ٿا،
پاري کي تؤ ٻه تون تي ڏين!

❃

منهنجي خوشي ٻه آهين تون،
۽ زندگي ٻه آهين تون،
موڻ ڪان نه ڇرڪ شرميلي!
سرهاڻ هير گڏ نهندا،
ڪنڌون ۾ ڪير گڏ نهندا،
اڄ هيڏي ويهه اربيلي!

❃

www.sindhsalamat.com

پيو بحث بي حجاب آهي،
موتينو رتن گلاب آهي،
هڪ ڳالهہ شرم پوتي آ.
چاهت جو باغ گهمجي پيو،
پيو گفتو چُمجي پيو،
پر هوءَ ڪڏهن نہ چُهبي آ.

✽

ترڇي نگاهہ جي تيلي،
مون ڏي اڇين تہ آ اُلري،
سگريٽ جڻ دکائين ٿي.
نخري سان گول چپ جوڙي،
چو هاٿي پنهنجو منهن موڙي،
ساڳي جيپي وسائين ٿي.

✽

مون جو ڪڍيو گُٿو گفتو،
توکي لڳو ڏکيو ڏاڍو،
توکان ڳڙِي پيا ڳوڙها.
ٻانهون ٻڌي چيم هٿڙا،
ٻاڪر وجهي اگهيم ڳوڙها،
پوڳن ۾ ڏنڊ پيا ڏوڙا.

✽

www.sindhsalamat.com

طوفان کي اتارين ٿي،
مهراڻ کي سمهارين ٿي،
ڏرتي عجيب آهين تون!
پاڪر وجهي بخاريءَ کي،
چئين ٿي تہ ڇهہ نہ ڇاتيءَ کي،
سرتي عجيب آهين تون!

❃

اوڪاس، عشق ۽ آئون،
تڙپڻ، لڇڻ، تمنائون،
تنهنجيءَ وڙول ۾ جاني!
مهراڻ تون تہ ساغرمان،
نئن گاج تون تہ منجهر مان،
اڄ منهنجي جهول ۾ جاني!

❃

هڪ ڏينهن تاڪ منجهند جو،
ويٺي اکين ڏٺو سپنو،
مينگهہ ۽ ملهار هڪ ٿي ويا.
پنهنجو بہ خواب ٿي اوريان،
رڻ پٽ ۾ ڇا ڏسان ٿي مان،
باغ ۽ پهاڙ هڪ ٿي ويا.

❃

www.sindhsalamat.com

پَنَ پَنَ جي ڌوڙ تو پائي،
گلَ گُلَ جي در ڌڪا کائي،
ڪا پَنڌ کي ٿَهَرَ ناهي.
مونچو: ڪيئن چڪر کائي،
پٿر پٿر سان ٽڪرائي،
چو نهر کي ٿهر ناهي؟

✽

فردوس جي خوشي تو ۾،
دنيا جي دلڪشي تو ۾،
ڪهڙو چٽيان نظارو پيو؟
تون منهنجي زندگي آهين،
۽ بُتَ جي بندگي آهين،
آهي ڪو استعارو پيو!

✽

مُرڪين تہ موتيا مهڪن،
جهومين تہ موسمون جهومن،
خوش ٿين ڪتوريون ڳائن.
هت منهنجا پَنڌ بنجيّ پيا،
تڏهن تہ توڏي اُڏري ٿا،
گُلَ گل کي پاڪريون پائن.

✽

www.sindhsalamat.com

الفت وچين تي اورانگهي،
ڪونين جي ِتڪيءَ وانگي،
گھندو وچان تو مان طعنا.
خارن جون خاص خبرون ڏئي،
دل جا اڳي ٻري تي پئي،
چو تي وجهين منجهس ڪانا.

❃

اڄ تنهنجي سوچ سُرندو آ،
نهڪر، نتاءَ جون تارون،
جَهڻ جَهڻ ڪيو وڄن ٿيون پيون،
اڄ منهنجو مُوڊ نغمو آ،
چاهت چُميون، ڏُنون پياريون،
ڇمر ڇمر ڪيو اڇن ٿيون پيون.

❃

مصري لڳي، جي ڪُرڪي ڏين،
ماکي مِٺي، جي مرڪي ڏين،
وِهه جي وٽي، ڪرين نهڪر.
هارين، ڪٽين اهو وجهه ٿئي!
مونچو: مليو وڏو وجهه ٿئي!
اڄ جيڪي ڪرڻو ٿئي سو ڪر!

❃

www.sindhsalamat.com

بي انت بوءِ باغن مان،
موتئي، گلاب، انبن مان،
جهونڪا ڪٽي وندبيندا چا!
آڙاهه، باهه، تن من ۾،
ڪا چٽنگ، آهه شعرن ۾،
سڄڻن ڪي سيڪ ايندا چا!

❃

شبنم ڦڙا گواهه آهن،
خوشبو، هوا گواهه آهن،
پونئرا گلن ڪي چوسن تا.
شعرن جا داستان شاهد،
جهونا، وچان، نوان شاهد،
عاشق چپن ڪي چوسن تا.

❃

تنهنجي حسين چهري تي،
هي انتظار جون ريکون،
چڻ روح منهنجي تي رهڙون.
ميلاپ واري موقعي تي،
رهزن رقيب جون ڳٽيون،
چڻ چاه منهنجي کي چهڙون.

❃

www.sindhsalamat.com

## ماڻهو مهان ڇا معنيٰ؟

تخريب ڏي تکو تاڻ،
ماڻهو مهان ڇا معنيٰ،
اوطاق ۾ پڌڻ آرڻ.
ڌرتيءَ کي رت ۾ وهنجارڻ،
آدم عظيم نڪتو آ،
آڪاش هاڻ والارڻ.

❁

سامان، شون کي جوکو،
ظالم ذرو نه ڏيندو کو،
باقي بچي نه کو وانگي.
پوسٽ هي چو بچائين تو؟
او آدمي! گهمائين تو،
پنهنجي ئي پوٽ تي دانگي.

❁

موسم عجيب ٿيندي آ،
بادل رقيب جي بت مان،
بجليءَ جي بوءِ ايندي آ.
اهڙي به مهل ايندي آ،
مصري حبيب جي لب مان،
ڦٽڪيءَ جي بوءِ ايندي آ.

❁

www.sindhsalamat.com

عظمت جو اُپُ لٽجي ويو،
قسمت جي ڦبر ڪاريءَ ۾،
ڌرتيءَ جو وات پٽجي ويو.
وهمن جو دؤر مٽجي ويو،
فڪرن جي ڦولواڙيءَ ۾،
ڇو ڇو جو ٻج ڇٽجي ويو.

❁

www.sindhsalamat.com

## هي گهر سدا بهار آهي

رابيل گل رئو پهري،
چڪنار چولڙو پهري،
بنجي گلاب ايندي آن!
* محبت ۾ سج مکي تي پئه،
ڪت ڪت ۾ ڪيتڪي تي پئه،
چوئي موئي چو ڦيرندي آن!

❁

هي گهر سدا بهار آهي،
ماحول هانءُ ٺار آهي،
تون ڪونج، هنج، ڏيل آهين!
تدبير گهرڏياٺي آ،
تقدير نوڪرياڻي آ،
مون ساڻ تون جو ميل آهين.

❁

منهنجا حواس پوپٽڙا،
چوسين واس 'ون' رسڙا،
ساجهر صبوح باغ آهين!
پيشن جو مان پتنگ آهيان،
پاڪر جي لاءِ بتنگ آهيان،
سانجهيءَ جو تون چراغ آهين!

* سج مکي: سورج مکي

www.sindhsalamat.com

پيرن ۾ سبز غاليچو،
ڪپڙن ۾ تنهنجي باغيچو،
آڏو ڦرين ٿي ڦلواڙي.
پوئرا اُجون چميون منهنجون،
چوسيو پيئنِ رسون تنهنجون،
پريات توڙي پوياڙي.

✽

www.sindhsalamat.com

## اڄ ڏينهن عشق ڏينهن آهي

اڄ رات، عشق راتِ آهي،
قبضي ۾ ڪائنات آهي،
ياڪر ۾ اُپَ جي پون آهين!
ماحول عاشقاڻو آ،
مخمور تاڻو تاڻو آ،
محبوب مون سان تون آهين.

❁

اڄ يار سورا موتي وڄ!
همدرد پور موتي وڄ!
اڄ ڏينهن، نينهن ڏينهن آهي.
ياڪر ڪڪر وڪوڙي،
بوسا تڪا وسن تا پيا،
اڄ منهنجي گهر ۾ مينهن آهي.

❁

www.sindhsalamat.com

## اڄ شام، عشق شام آهي

سورج لڙيوتہ تي پيو ڇا؟
او چنڊ! تون تہ چمڪي آ،
اڄ شام، عشق شام آهي.
ميرو گرو گلابي آ،
ماحول، انقلابي آ،
اڄ جام، عام جام آهي.

❋

تارن جو چار هرڻيءَ کي،
پوپٽ حسين برنيءَ ۾،
ان ريت سونهن ماڻين تو.
ڪرڻي جي سونهن جهرڻي ۾،
جهرڻي جي جهرڪ ڪرڻي ۾،
ڇا هيءَ بہ رمز ڄاڻين تو.

❋

## عيش جو چٽڪو

ڌوران سڪيو نهاريان ٿو،
وِسِڪي ورهہ گذاريان ٿو،
انسان بي تہ آهيان مان!
مس مس ملئين تہ ميران ٿو،
هيچي تي توکي چهٽان ٿو،
حيوان بي تہ آهيان مان.

❃

موجن جو چنڊ الهي ٿو،
دردن جو سج ايري ٿو،
تون مون کان موڪلائين ٿي.
هڪ رات عيش جو چٽڪو،
هڪ عمر حشر جو پٽڪو،
سوچيو هنجهون وهائين ٿي.

❃

www.sindhsalamat.com

## ڇهاءَ

نس نس اندر نچان تو پيو،
رڳ رڳ منجهان وڃان تو پيو،
توڙي ڇُهيو به تو ناهي،
ڇُهندين تہ پوءِ ڇا نچندا؟
واڄا نچاڻ ڇا وڄندا؟
ان جو به انت ڪو آهي؟

❃

مون کي ڏسي، ڇُهين تي پئي،
مرڪي، کِلي ڇهين تي پئي،
لُونءَ لُونءَ لُڇي، ڇُهين تي پئي!
ويهي پري به ڇُهبو آ،
ڪاتيءَ بنا به ڪهبو آ،
ايڏو گهُري، ڇُهين تي پئي.

❃

www.sindhsalamat.com

## انگ انگ امنگ پنهنجو آ

چاهي چيپي پوي تو کو،
تڪڙو ٽپي پوي تو کو،
انگ انگ امنگ پنهنجو آ.
چاهت چڪور جي گهورڻ،
پوپٽ پتنگ جي ڇهڻ،
هرڪنهن جو ڍنگ پنهنجو آ.

✽

چنڊ ۽ چڪور ناهيون اوءِ!
انسان ذات آهيون سو،
ديدار تي گذر ڪيتر؟
آدم، حوا بڪارا پئي،
ڪجهه ڪٿ ڪائجي ٿي پئي،
گفتار تي گذر ڪيتر؟

✽

www.sindhsalamat.com

## پارو ۽ پيار

ٿهري جي رات مهينو ٿي،
ساعت به ڇڻ ته هفتو ٿي،
۽ انتظار ۾ ڪاٽيم.
لوڙهي جي اوٽ ۾ وِلهه ۾،
هيٺر تي هاڻ تون ايندينءَ،
ان اعتبار ۾ ڪاٽيم.

❁

اڌ رات سا به سياري جي،
گهر گهاٽ اوٽ پاري جي،
ولهه تي پلال تي سهڪا.
سِگريءَ مثال سينا ها،
ڪيڏا وڏا پسينا ها،
جوڀن جا جوش ها شعلا.

❁

www.sindhsalamat.com

## نبي تہ ناهيان مان

يوسف نہ آهي بندو هي،
زوريءَ نہ تون زليخا تي،
هي حسن پيار ڪافي آ!
مون توسان نينهن لاتو آ،
تو مون سان پيچ پاتو آ،
هي اعتبار ڪافي آ.

❃

آ پيار سان خريديو تو،
مون ڪي ڪيو هٿيڪو تو،
ڪو اجنبي تہ ناهيان مان.
زوري پلي زليخا ڪر،
پنهنجا امنگ پورا ڪر،
يوسف نبي تہ ناهيان مان.

❃

www.sindhsalamat.com

## سرخيءَ سان سر لڳي

هر وقت جو ڏسان ٿو مان،
ميندي گلاب ڳاڙهي سان،
لاليءَ سان واسطو تنهنجو!
تفصيل مان ڏيان ڪهڙو،
ڪولي صفا لڪان ڪهڙو،
سرخيءَ سان سر لڳي منهنجو!

❃

مون کي نه چور، چور آهيان،
تون ٿي چُرين، چُران ٿو مان،
هيءُ واءُ جو چري ٿو پيو،
هوري چباڙ سوپاريون،
تنهنجي چپن سَڏون ٻاريون،
هيءُ شوق ڪجهه گهري ٿو پيو.

❃

www.sindhsalamat.com

## نياپا چوان يا ڪڙٽا

ڪرمن ۾، قول ۾ تون،
جذبن جي جهول ۾ تون،
جيئڻ سچ آسمان ۾.
مان پونءِ جان گهمان ٿو،
ڇانئون، اُسون ڇُمان پيو،
هن پيار جي جهان ۾.

✻

تنهنجي اکين مان نڪتا،
منهنجي اکين تي پهتا،
نياپا چوَان يا ڪرٽا!
توڏانهن منهن تي مرڪيا،
مون ڏانهن دل ۾ سرڪيا،
جذبا هئا يا ڄهرٽا!

✻

سهڻي سڊول سسئي،
سَپني ۾ مون ڏٺي هئي،
اُهڙي ئي هوبهو هئي!
خوش ٿي ڏسي ته ڪاٺر،
پاپوهجي ته پاٺر،
چڻ سنڌ روبرو هئي.

✻

www.sindhsalamat.com

ڪيڏا ڪڪر آئا ها،
ڏورا ڏنديون پريا ها،
ڪپرو اچا اڇون هو.
بوسن جو مينهن برسيو،
تنهنجو ۽ منهنجو تاسو،
هردو اچا اڇون هو.

❁

مئي سنڌ ۾ تي آدمي،
جرجهنگ ۾ تي جهومي،
نئين عيش جو نشو آ.
پر قوم تي وڪامي،
تاريخ تي اڇامي،
ڪيڏو نه حادثو آ!

❁

اڄ رات بساڪ ڏاري،
صديون چڏيون تو پياري،
جڳ جڳ ۾ جي ويس مان!
تاريخ تنهنجي سنگت،
تهذيب منهنجي غيرت،
تحريڪ تي ويس مان.

❁

www.sindhsalamat.com

آئينو ڪنيون تو تہ مون کي چنڊ ٻڌايو،
سينگار تي ٻيٺيءَ تہ ڏکي هير ٻڌايو،
چمڪار ۽ هبڪار.
پهتيءَ تہ اڱڻ منهنجي تي ڪِيتار وڃي وئي،
پرِيات مهل تي تہ ٻُکي ڏات رڃي وئي،
گفتار سان گڏ پيار.

✲

جذبات چنيون ڏور اُڏاڻا تا وڃن،
چڻ مينهن طرف مور اڏاڻا تا وڃن،
او ڏيل او رابيل!
هڪ ساھہ ۾ محبوب جي خوشبو آهي،
ٻئي ساھہ ۾ بارود جي بدبو آهي،
دلدار ۽ ڏاڙيل.

✲

www.sindhsalamat.com

## گفتگو

هيءَ شاعري بہ جنڙي آ،
تي باهہ توکي چنبڙي آ،
سچ پچ تہ مون تي ڀاري آ.
تنهنجي هيءَ آهہ ساٿياڻي،
منهنجي بہ سمجهہ سنگتياڻي،
تنهنجي ڪري تہ پياري آ.

✽

جيئن بلب جوت بجليءَ سان،
ايئن عشق اوت سجنيءَ سان،
هيءَ شاعري بہ تنهنجي آ!
جذبات ديد دل تنهنجي،
تون مچ ڪٺي مٺي منهنجي،
هيءَ زندگي بہ تنهنجي آ.!

✽

هن دل جي دلبري آهين،
۽ پيار آخري آهين،
مان ديد ۽ تون درشن آن!
مون وٽ لفظ ڪينهن ڪي،
سولو سِڌو چوان توکي،
جاني، تون منهنجو جيون آن!

✽

www.sindhsalamat.com

مان جهُڙ تون ماتري آهين،
تون منهنجي آرسي آهين،
”ايڏي وڏي وٿي جاني“!

تون جر تہ مان مڇي آهيان،
سمجهان ٿو جڻ مران ٿو مان،
توکان گهڙي ڇڄي جاني!

✽

ميندي ۽ رتن هٿن سان،
لالي ۽ لڱل لبن سان،
تو مون کان موڪلايو؟

في الحال سرخرو ٿي،
۽ پوءِ آرزو ٿي،
مون، سڪ سان موڪلايو؟

✽

ڳوڙها ڳڙيل ڳلن تي،
تالا لڳل چپن تي،
مان ڪيئن موڪلايان!

ڳوڙها اگهيم ڳلن سان،
تالا پڳم چپن سان،
تو هيئن موڪلايان!

✽

www.sindhsalamat.com

ويندي وکون کي پرتي،
مڙندي ڏنم جو در ڏي،
موتي وري پيس مان،
هک ہي ٻن موڪلائي،
پرپور پيار مٿائي،
پُرِ تي وري ويس مان.

❋

www.sindhsalamat.com

## هڪ موڪلاڻي

هٿ هٿ کان موڪلايو،
چَپ چپ کان موڪلايو،
تو در تي الودا ڪئي.
نازڪ بدن جي نرمي،
ڳاڙهن چپن جي گرمي،
مون پيار جي غِذا ڪئي.

❁

ساغر ڇُهي مان نڪتس،
ڪي پيگ پي مان نڪتس،
اهڙو نشو چڙهي ويو!
مخمور ڏينهن سارو،
مسرور هوس يارو!
توڙي جو سِجُ لڙي ويو.

❁

سنيلون، لُڏي نه وڃجي،
هُنَ چوءِ ٻُڏي نه وڃجي،
پاڻي وڃي ٿو چڙهندو.
چاهت نه چاندني آ،
چوٽي نه تو ٻُڌي آ،
ڳِهَ پئي مٿو نه سڙندو.

❁

www.sindhsalamat.com

قافئي غزل جو رشتو،
ڪاڇي جبل جو رشتو،
تنهنجو ۽ منهنجو ناتو!
جيتر اتئون حياتي،
تون منهنجي لاءِ آتي،
مان تنهنجي لاءِ آتو.

❁

ڪوئل پڪي پڪاري،
يا ڪا سکي سنياري،
پيغامِ عشق جو آ.
پوپٽ پتنگ پڄري،
يا ڪو مانگ پڄري،
انجام عشق جو آ.

❁

## پر پيار جو مستقبل؟

تذڪار جي موسم ۾،
هن پيار جي پونم ۾،
لونءَ لونءَ ٺري ٿي پئي.
محبوبَ، وهي ماڻي!
ڪر ياد برهماڻي، •
هي پونءَ ٻري ٿي پئي.

✽

اڄ رات جا اُلڪا ها،
۽ سانجهه جا سنسا ها،
پر ڏينهن ته شينهن آهي.
مَن، مورُ اجو ٿر جو،
دل، روجهه بکيو ٻرَ جو،
پر نينهن ته شينهن آهي.

✽

برسات وسي پئي آ،
پرڀات ٽِڙي پئي آ،
چاڪيج آ خوشبو ۾!
چا توڪي پتو پيو آ!
گهر گهاٽ ٻُڏو پيو آ،
بارود جي بدبو ۾!

• احمد خان برهماڻي لڳه دادو، جنهن کي باهيون ڏنيون ويون.

www.sindhsalamat.com

من منهنجو مچي ٿو پي،
گڏ توسان نچي ٿو پيو،
بوسن ۾ ۽ ڀٽڪن ۾.
هڪ آگ لڳي وئي آ،
هيءُ پوڻ اچي وئي آ،
ڏوڏن ۾ ۽ ڏڏڪن ۾؛

❃

ڪجهہ گيت ٿا گونجن پيا،
بدمست ٿا جهومن پيا،
تهذيب تہ تڙپي پئي.
ديوان ٿا ڇپجن پيا،
اشعار ٿا پڙهجن پيا،
تاريخ تہ ڪنجي پئي.

❃

ڪينجهر تي گهمون ٿا پيا،
اڄ چاهہ چمون ٿا پيا،
پر پيار جو مستقبل؟
اک اک سان اڙائي ٿئون،
دل دل سان ملائي ٿئون؛
پر ديس جي ديد ۽ دل؟

❃

www.sindhsalamat.com

ٿهڪين تہ ٽڙن موتيا،
سُڏڪين تہ ڦُٽن ڦٽڪا،
من، تون تہ نہ مُنجهندي ڪرا
مان، منهنجون ستئي پيڙهون،
رائيات ڪري رُئنديون،
او سنڌ! نہ رئندي ڪرا

✽

ڪنهن شهر ۾، محلي ۾،
ڪنهن ديهہ ۾، ديري ۾،
توکي تہ ڇپايان مان!
ڏاڪُو تا هٽن ڏاڪا،
چو ڦير لڪين جهاتا،
ڪٿ سنڌ لڪايان مان!

✽

www.sindhsalamat.com

## انسان تہ آزاد آهي

تقدير جو قيدي ناهيان،
جو ڪجهہ بہ سو خودئي آهيان،
برباد يا آباد ادا!
ڪيڏو نہ قهر ڪاتيو ٿم،
ٽڪرن سان ٽڪر ڪاڏو اٿم،
استاد آ فرهاد ادا!

✽

مجبور ستارا هوندا،
درياہ جا ڌارا هوندا،
انسان تہ آزاد آهي.
پنهنجي ئي عمل اعليٰ ڪان،
پنهنجي ئي قدم ادنيٰ ڪان،
آباد يا برباد آهي.

✽

هڪ شاعري چُمين ٿو پيو،
ٻي شاعري ڪرين ٿو پيو،
ٻن شاعرين جو شاعر آن!
عاشق بہ تون عجيب آهين،
ڪيڏو نہ خوش نصيب آهين،
استاد آن يا ساحر آن؟

✽

www.sindhsalamat.com

هي تنهنجي شاعري ايڏي،
جا تنهنجيءَ جهڙ تہ آ جيڏي،
ڪيڏي عزيز ڏارين ٿو!
ڪمري ۾ گفتگوءَ هن سان،
مون وانگيان روبرو هن سان،
راتين جون راتيون گهارين ٿو!

❃

www.sindhsalamat.com

## چڻ سنڌ روبرو

مهتاب روبرو ٿئي،
تنوير گفتگو ٿئي،
محبوب هو نظارو.
بيتاب ها ستارا،
بيچين ها ڪنارا،
درياهه هو اجارو.

❃

گلزار حسن سامهون،
انگ انگ باغنامون،
پن پن کي مون پڙهيو هو.
رنگن جو تذڪرو هو،
خوشبو جو وهڪرو هو،
جلوو هو، ولولو هو.

❃

www.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com

مليو توکي محبوب جوين بہ آهي،
وڏو ناز انداز جو فن بہ آهي،
مگر درد ڏن ٻاھہ ڇڻ ڪجھہ بہ ناهي،
جي لون لؤن لڳن تاھہ، ڇڻ ڪجھہ بہ ناهي.
۽ مان عشق جو عزم پورو رکان ٿو،
پتا پار تنهنجا ئي پيچندو وتان ٿو،
جتن ۽ جلن ناھہ ڇڻ ڪجھہ بہ ناهي.

❋

مهر لاءِ گجرا، قهر لاءِ ڪاتي،
هتن سامهون هرٽي، هتن لاءِ هاتي،
ڪذائيءَ جا قاتل، سچائيءَ جا ساٿي،
برائيءَ جا ويري ڀلائيءَ جا ڀاتي،
انڌاريءَ جا دشمن، سهائيءَ جا ساٿي.
پڙهڻ لاءِ ديدون وڙهڻ لاءِ ڇاتي،
وطن لئہ حياتي– وطن لئہ مماتي.

❋

www.sindhsalamat.com

## ڇا ڪريان؟

حسن جا تجلا ڏسان يا عشق جا شعلا ڏسان؟
فرش تي سجدا اَيا يا عرش تي ڳاتا ڪيان؟
ظلم کي وهوا ڪريان يا پاپ کي پرزا ڪيان؟
سوريءَ تي نعرا هڻان يا تياس کي ٽڪرا ڪيان؟
صبر کي عيسيٰ ڪريان يا عزم کي موسيٰ ڪيان؟
لنبَيان قبرن کي يا محشر نئون برپا ڪيان؟
زلزلي ۾ حوصلا، منهنجا خدا ڏس ڇا ڪريان؟

❋

## پڙڪي ٿو پيو

سِجُ جهڙو سَچُ ڦاٿو، ڦهر جي ڪڪرن ۾ آ،
سوچ جو هر ساهه جڻ سڪرات ۾ رڪجي ٿو پيو.
برف چوٽين تي، جوالو منتظر جبلن ۾ آ،
چهرو آ خاموش، جيرو جوءِ جو پڙڪي ٿو پيو.
زلزلو آيو اجهو ڌرتيءَ وڏن لوڏن ۾ آ،
جوش ۾ جهنگل ڏکي ٿاگر سڄو ٿڙڪي ٿو پيو.
پونءِ جو هر پيند پنيت ڇاڻ ٿيو پڙڪي ٿو پيو.

❋

www.sindhsalamat.com

## امنِ عالمِ

نئين صدي کي سونهن سچ جو اچ تہ بخشيون سوجهرو!
سوجهرو اهڙو، جو ايندڙ سڀ صدين جو پروسو.
وهم جي طلسم کي عاليٰ فهم سان ٽوڙي وجهون،
وسوسا ڳوهي، ڳنڍي، ويسه نئون جوڙي وجهون.
هڪ وڏو وِيساهہ جو نئين دؤر جو اتساهہ آ،
امنِ عالم ئي تہ او سنسار تنهنجو ساهہ آ!
امنِ دشمن اهرمن آ، امن ئي الله آ.

❋

آدمي ڪِرڙي بُکاري، ڳنڊ جون مکيون جَهتي–
آدمي جو انڌ، مانگر مڇ، ڦندو ازدهان.
ڪيڪڙو ماڻهو لِتڙندو لوڀ جي ڳپ ۾ وتي–
تيز رو ماڻهو گهمي پيو ارتقا جو آسمان.
هَٿ– ٻَچي تقدير ٿي، تدبير جون پوتيون پَٽي–
اونداهي وهنجي ٿي بيٺي، روشنيءَ جي خون سان،
ماڻهو تو ماڻهوءَ کي ڇيڇاڙي، ڏسيو مان ڇا ڪريان؟

❋

www.sindhsalamat.com

## انقلاب آئي چڙيان

دل چوي تي دگ تہ چا دنيا سڄي ڏاهي چڙيان،
المدد الله، پرڪرتي نئين تاهي چڙيان.
جوت جا بادل وسائي پنهنجي جرڪائي چڙيان،
سنڌ جا، پنهنجو نئون سنسار چمڪائي چڙيان،
ڏيئي ڏيئي جي جڳهہ تي آفتاب آئي چڙيان،
نيستيون ناڪام، ڪارون ڪامياب آئي چڙيان،
انقلابن جي مٿان بيا انقلاب آئي چڙيان!

❋

www.sindhsalamat.com

اٺ سِٽا آٺا ٽرائيل

www.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com

## اڻ سڻا (آنا)

شهر جو سؤنچو سُتو،
رات جي پڙلاءَ ۾،
بوءِ چوري آئي آ،
ويڙهجي ڪا واءَ ۾،

مون بہ خوشبو کي ڪيو،
سيري پنهنجي هانوَ ۾.
جيئن وجهي ڪو ياڳيو،
ڪير پلتي تانوَ ۾.

✡

رات چانڊوڪيءَ ۾ وهنتي،
تارا پاڻيءَ جا ڦڙا،
هير خستوريءَ ۾ وهنتي،
جُهوتا چَلپا ۽ چَندا-

تون خوشيءَ ۾ وهنجي سنهنجي،
ويڙهجي جذبات ۾ آ!
مون مڪمل موج پنهنجي،
ڪئي ڪني اڄ رات ۾ آ.

✡

www.sindhsalamat.com

هي جوين ارڙو گهوڙو آ،
ڇا چانچ نہ تون ڊوڙائيندين؟
هي جوين بجلي ڏارو آ،
ڇا جوت نہ تون جرڪائيندين؟
هي جوين نس نس نچڻو آ،
ڇا چير نہ تون چمڪائيندين؟
هي جوين وڪري وڃڻو آ،
پوپيريءَ ۾ پڇتائيندين!؟

✵

تون تہ منهنجو ساهہ آن،
پرهِنيان سان هي هنداءِ!
پيار مون کي ڏين نہ ڏين،
سنڌ سان لؤن لڳاءِ!
تاهہ پڙوا جي پوين تي،
قول جو مون سان ڪچو،
پر پرين! پارت اتئي هي،
سنڌ سان رهجانءِ سچو!

✵

www.sindhsalamat.com

نتيجو نتائي،
ڪٽي لک لنوائي،
اسان ڪوشش جون،
قطارون لڳايون.

جيئن واٽ گهائي،
هٽائي، رنڊائي؛
ايئن روز ووڙون،
وري تا وڌايون.

✵

تر اجارو پيارڙو آ،
ساٿيو بادل نہ، پر ساگر ڪٽو!
قحط جو سر ڏارڙو آ،
دوستو! پٿر نہ، پر ٽڪر ڪٽو!
گنبذ سان آهي مهاڏو،
هير سُرهيءَ ڪِني رکو، اوتر ڪٽو!
گوڙ ڏاڍو آهہ آڏو،
مان چوان ٿو پاڻ سان محشر ڪٽو!

✵

www.sindhsalamat.com

اوهين بدبو كنديڙيندئو،
تہ تي طوفان اٿنداسين.
اوهين خوشبو پکيڙيندئو،
تہ تڏڙي هير ٿينداسين.
ڪِلي، خوش تي دلي ملندئو،
ڪٽي ڪندِون ونڊيندا‌سين.
پٿر هٿ ۾ ڪٽي هٽندئو،
تہ بندوقون بہ هٽنداسين.

✵

www.sindhsalamat.com

## ترائيل

پريات ڪلين ماڪ چُمي چاتي آ،
هر صبح اها خاص عنايت آهي.
خوشبوءِ ڪٿي هير ڳلي لاتي آ،
پريات ڪلين ماڪ چمي چاتي آ.

تي سانجهه ڳلن ڏوڙ ڪٿي پاتي آ،
هر سانجهه جي هيءَ وندر ورهاست آهي.
پريات ڪلين ماڪ چمي چاتي آ،
هر صبح اها خاص عنايت آهي.

✲

ڪچين چو نه تي دل؟
چلن وارَ اوچا.
نه ڪيهون نه ڪِلڪِل
ڪچين چو نه تي دل.

هي مقتل يا محفل؟
هي شوشا يا توشا؟
ڪچين چو نه تي دل؟
چِلن وار اوچا.

✲

www.sindhsalamat.com

وسوسو ٿئي تہ ولولو رکجي،
هرڪرڻ کي بہ همتون ڏيئي،
زلزلي ۾ بہ حوصلو رکجي،
وسوسو ٿئي تہ ولولو رکجي.

ساهہ ٿڌي بہ سلسلو رکجي،
عزم ۽ جهل کي عظمتون ڏيئي،
وسوسو ٿئي تہ ولولو رکجي،
هرڪرڻ کي بہ همتون ڏيئي.

✵

هندورو لڏي پيو،
يا ڌرتي ڏڏي پئي:
ڪڪو جڳ ڪڏي پيو،
هندورو لڏي پيو.

ڪنارو ٽڏي پيو يا،
ٻيڙي ٻڏي پئي؟
هندورو لڏي پيو،
يا ڌرتي ڏڏي پئي؟

✵

www.sindhsalamat.com

موت سامهون اچي نٿو سيڪو،
جو پڄي ٿو ڀڄي نٿو سوبي.
تون ڀڄي وڃين ڀڄي نٿو سيڪو،
موت سامهون اچي نٿو سيڪو.

ڇيڻن پهچي، نچي ٿو سيڪو.
جو ڏڪي ٿو ٽڪي نہ ٿو سوبي.
موت سامهون اچي نٿو سيڪو.
جو پڄي ٿو ڀڄي نٿو سوبي.

✵

سمنڊ جهڳي؟
پيتاري ؟
وهيل مڇي ؟
سمنڊ جهڳي؟

تڙڪ ٽڳي؟
دلداري ؟
سمنڊ جهڳي؟
پيتاري ؟

✵

www.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڀُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٺاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران کَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَمر- گولو،

جيڪي بہ ڪٺين، جيڪي بہ ڪٺين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَر جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙهَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَڙهَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ  
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.  
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)